# سُهڻي

ي

سوڏن

ي

سلام



معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

فيبروري - مارچ ١٩٧٠ع

جلد ٢ نمبر ٢-٣

ايڊيٽر
طارق اشرف

قيمت: ٢-٠٠ سال لاءِ: ١٢-٠٠

سهڻي پبلشرس
ايف/٤٥-٧٥٠، اولهه ڪچو،
حيدرآباد، سنڌ

**SOHNI Publishers**
F/45-750, West Kutcha,
HYDBRABAD, SIND

# پنهنجي طرفان....

ڏاڍ ۽ ڍڪاءُ سان قائم ڪيل ڪوٽ نيٽ ڪريو. اسين مبارڪ ٿا ڏيون انهن سڀني کي، جن انهيءَ ڪوٽ کي ڪيرائڻ ۾ اخلاقي توڙي عملي مدد ۽ جدوجهد ڪئي. ون يونٽ جي ٽٽڻ ڪانپوءِ اميد آهي ته اسانکي پنهنجا پورا حق ملندا، جن کان اسانکي محروم ڪيو ويو آهي★

سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪارن نجم عباسي ۽ آمر جليل کي سندن ڪهاڻين جي مجموعن 'طوفان جي تمنا' ۽ 'دل جي دنيا' کي پاڪستان رائيٽرز گلڊ پنج، پنج سوُ رپيا انعام ڏنو آهي. اسين انهن ٻنهي اديبن کي مبارڪباد ٿا ڏيون، انهيءَ ڪري نه، ته انهن کي انعام مليو، انهيءَ ڪري جو انهن جي ڪتابن کي بهترين مڃيو ويو. حالانڪ انعام جي رقم ايتري ته گهٽ آهي، جو اهو انعام وٺڻ ئي نه گهرجي ها. سنڌي ڪتابن لاءِ ٻه هزار رپيا انعام رکيل هو. جيئن ته شعرن جو ڪو به مجموعو نه هو، تنهنڪري فقط ڪهاڻين جي ٻن مجموعن کي هڪ هزار رپيا ڏنا ويا. جيڪڏهن شعرن جو ڪو مجموعو ڪونه هو ته اهي ٻئي هزار انهن ڪهاڻين جي مجموعي کي ڏيڻ گهرجن ها. ائين ٻه حيرت جي ڳالهه آهي ته بنگالي ۽ اردو ڪتابن تي جيڪي انعام ڏنا ٿا وڃن سي لک کان به مٿي چڙهي ويا آهن، پر سنڌي ڪتابن کي فقط ٻه هزار (سو به هن سال اهو انعام رکيو ويو آهي). چيو اهو ٿو وڃي ته مختلف بينڪون ۽ ڪمپنيون بنگالي ۽ اردو ڪتابن کي انعام ڏين ٿيون. اسين انهن کان پڇون ٿا، ته جڏهن انهن بينڪن ۾ سنڌين جا پئسا به جمع ٿيل آهن، ته پوءِ اهي سنڌي ڪتابن کي انعام ڇو نٿيون ڏين. انهن صاحب حيثيت سنڌين کي انهيءَ ڳالهه تي سوچڻ گهرجي ۽ اسان سڀني کي گهٽ انعام تي اعتراض ڪرڻ گهرجي. پاڪستان رائيٽرز گلڊ جي سيڪريٽري ٻڌايو آهي ته علائقائي ادب جي انعام جي رقم مختلف ذريعن کان ڪٺي ڪئي وڃي ٿي. اسين ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اهي ڪهڙا ذريعا آهن، جيڪي ايتري خسيس رقم انعام ۾ ڏين ٿا. اسانجي اديبن کي گهرجي ته هو

زندگي آهي اِشارن ۾ اسير

ڊائريءَ جا ڪجهه ورق

سؤ ڳالهين جي هڪ ڳالهه

روپ ٻهروپ

ڏهائين ڪان نينهن

ڪيڏو ويجهو، ڪيڏو دور

پلئهَ پائي مون

ويا گذري ڏينهڙا

ايڊيٽر ڏانهن خط

# ڪهاڻيون

عبدالجبار جوڻيجو

تنوير عباسي

غلام نبي مغل

طارق اشرف

محمد بخش سومرو

مريم نوحاڻي

شبير ترابي

مدد علي سنڌي

ظفر حسن

پهرئين ڏينهن ئي بيزار ٿي پيو. عاشق جي اڳيان گهڻو ڳالهائڻ ۽ خود ثنائي جهنگلي‌پڻي جي برابر هئي. هُو خود گهٽ گفتگو ڪندو هو ۽ گهڻو وقت تخيل جي گهوڙي تي سوار ٿي پرستانن جا سير ڪندو هو.

رشيد هر طرح خود ثنائي ۽ گهڻي ڳالهائڻ جو مريض هو. آنڪري آنهن ابتدائي ڏينهن ۾ ئي عاشق لاءِ مشڪل پيدا ٿي پيئي. هُو خاموشيءَ سان ڪم ڪندو رهيو، پر سندس انديشو صحيح نڪتو جڏهن ٻئي ڏينهن رشيد اسٽوڊيو ۾ آيو. عاشق اول ته ڪيس ڏسي گهبرائجي ويو، پر پنهنجي چهري تي اهڙو ڪوبه تاثر ڪونه آندائين.

"سوچيم ته اڄ شام جو هوا خوريءَ لاءِ شهر کان ٻاهر هلجي،"

ائين چئي بنا آڄ جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. عاشق ائين نٿي چاهيو، پر مروت ۽ اخلاق جي تقاضا سبب مجبور هو. هن پاڻ تي جبر ڪيو. هو ماضيءَ ۾ به هميشه پنهنجو پاڻ تي جبر ڪندو آيو هو. هر ڳالهه تي هُن پاڻ تڪليف سٺي هئي ۽ هر پيڙي هن برداشت ڪيو هو. رشيد هن سان گهڻو گهرو ٿيو، پر ڪجهه وقت کان پوءِ ڪيس عاشق ۽ نجمه جي معاشقي جي خبر پئجي ويئي. نجمه جيڪا هڪ معمولي خاندان جي ڇوڪري هئي، جنهن عاشق کي پسند ڪيو هو ۽ شايد عاشق به ڪيس پسند ڪيو هو، جنهن لاءِ رشيد جو خيال هو ته هوءَ عاشق جي سماجي حيثيت ۽ ذهني معيار کان گهڻو گهٽ هئي. خاص طور هن نجمه کي دولت جي ساهميءَ ۾ توريو، ته به هلڪي ٿي پيئي ۽ شخصيت جي ڪسوٽيءَ تي لڳايائين ته هُوءَ ڪيس پنهنجي زال کان به گهڻو گهٽ نظر آئي.

رشيد ائين ڇو ڪيو؟ ڪن ماڻهن جي سوچ جي واڳ وڏي ٿيندي آهي. هر ڳالهه ۾ اونها هليا ويندا آهن. ڪڏهن سيروٽي سان پنهنجو پير ڦٽي پيا هاءِ هاءِ ڪندا آهن. بهرحال رشيد سمجهو ماڻهو هو ۽ نفسيات جا ڪي ڳرا پستڪ به پڙهيل هو. آنڪري ڪو مسئلو درپيش اچڻ وقت انهن پستڪن جي مدد به وٺندو هو. هن عاشق ۽ نجمه جي معاشقي بابت غور ڪيو ۽ نيٺ هو سوچڻ لڳو ته آخر نجمه ۾ ڪهڙي خوبي هئي. هُوءَ هڪ عام ڇوڪري هئي. ڪيئن

عاشق جهڙي ذهين ماڻهو جي اعصابن تي سوار ٿي ويئي هئي!

سنهڙي سيپڪڙي، جنهن ۾ نه رنگ نه روپ! رشيد جو ذهن وري پنهنجي زال ڏي هليو ويو. هُن ٻنهي کي پرکيو ته نتيجو ظاهر ٿي پيو. سندس زال ڪيڏي نه سمارٽ هئي! سونهن سوڀيا، لباس، مڪ چڪ ۽ ايٽيڪيٽ جي مدنظر سندس زال ته بلا هئي! اِها سوچ ڪري رشيد جي چپن تي مُرڪ پکڙجي ويئي.

'هون'، هُن ڪنڌ لوڏيو. مُصور صاحب کي وهنڊڙ نديءَ جو سير ڪرائبو. ڪيس ضرور بيٺل ڏنڊ مان ٻاهر آڻبو' رشيد ڇا سوچيو هو؟ اِهو سڀڪجهه هُن ڇو سوچيو هو، تنهن بابت ڪجهه چوڻ عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر آهي. ها، هُن نجمه کي ميري بيٺل ڏنڊ تي سمجهيو. آنڪري هُن پنهنجي زال کي وهنڊڙ نديءَ جو لقب ڏيئي مقابلي ۾ ڏڪي ڇڏيو. مقابلو شروع ٿي ويو. هر ڪنهن ڏٺو ته نجمه پٺتي رهجي ويئي، ۽ سندس زال بازي کٽي ويئي. رشيد حالات کان بي خبر هو. هُو آبشار جي مزاج کان واقف نه هو. هنکي نديءَ جي وهڪري جي تيزيءَ جو پتو نه هو. هُو وقتي ڪاميابيءَ تي نازان پئي ڏٺو. هن عاشق کي نجمه کان پري ڪري ڪيس پنهنجي رفيقہ حيات جي هنج ۾ کڻي آڇليو هو. نه رڳو ايترو، پر عاشق کي پيارن دوستن جي حلقي مان به ڪڍي وڌو ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. هُو عاشق کي تمام ويجهو ٿي ويو. اُن کي هُن پنهنجي ڪاميابي پئي ڄاتو. هُو اڃان ڪاميابيءَ جي نشي ۾ چُور هو ته ڪنهن، الائي ڪنهن، سندس ڪن ۾ ڦُوڪ ڏني ۽ هنجا نشا ٽٽي پيا. سندس زال ۽ عاشق جا تعلقات مشڪوڪ پئي لڳا. 'تعارف' 'چاهت' پئي محسوس ٿيو. رشيد خود محسوس ڪيو ته ٻنهي جي تعلقات ۾ هڪ تڙپ شامل ٿي ويئي هئي. هن 'روميو جوليٽ' جو قصو اڪين سان پئي ڏٺو. ڪيس ڪنهن ٻڌايو ته سندس زال مصور جي اسٽوڊيو ۾ به وڃڻ لڳي هئي، بلڪ خود تصوير بڻجي ويئي هئي.

آهي تعلقات جن تي ناز ڪيو ٿي ويو، تن ۾ ڏار پئجي ويا. رشيد محسوس ڪيو ته جنهن هٿيار سان هن دوستن کان دوست کٽي ڇڏڻ ٿي گهريو، سو هٿيار، آ گهاڙي تلوار وانگر خود مصور جي هٿ ۾ اچي

”منھنجي جذبات جو معاملو آهي ۽ اوهين چئو ٿا تہ معمولي ڳالھہ آهي،“ مون چيو. اُن تي خود پنھنجي هڪ ناڪاميءَ ۽ محروميءَ جو حال ٻڌايائين تہ مونکي ئي روئڻ اچي ويو. چوڻ لڳو، ”اڙي! روئين ٿو، زندگيءَ ۾ ائين ٿيندو ئي رهيو آهي. ڏس آءٌ ڪيئن کلان پيو.“

مون چيو، ”مون سان جيڪڏهن ائين ٿئي تہ آءٌ جيڪر صدمي کان مري وڃان.“

”جيئڻ سک،“ سائين چيو،”مرڻ جي تہ ڪا مُند ئي ناهي.“ مونکي اُن ڏينهن خبر پيئي تہ صدمي سهڻ جي هُن ۾ ڪيتري قوت هئي. مون سندس همت کي آفرين چيو. زنده رهڻ لاءِ هنجا آدرش نهايت اعليٰ هئا. سندس اندر جو ورد ڪڏهن ڪڏهن ظاهر بہ ٿي پوندو هو. هڪ ڏينهن چوڻ لڳو، ”ڏس، ڪڏهن ڪڏهن جيئڻ لاءِ اَن کي بہ ڪُئو سمجهڻو پوندو آهي.“

”ڇا مطلب؟“

”تون اُن آهين، پر آءٌ تو کي ڪُئو سمجهندو آهيان.“

”مون اوهانجو مطلب ڪونہ سمجهيو!“

”سمجهي ويندين،“ کلي چيائين. پوءِ هڪ ڏينهن واقعي مون سمجهيو. جڏهن ذاتي قسم جون ڳالهيون ڪندي اولاد جو ذڪر آيو تہ چوڻ لڳو، ”اُن- تون ئي تہ منھنجو ڪُئو آهين.“ آواز ڳرو ٿي ويس. مون محسوس ڪيو تہ اڄ هُو شڪست کائي ويو هو. سمجهيم تہ اڄ ضرور ڳوڙها ڳاڙي ويهندو پر نہ— ائين ڪونہ ٿيو. مونکي اَن ۽ ڪُئي جي مناسبت سمجھہ ۾ آئي. آءٌ اُن جيڏو هوس، جنھنکي هن ننيڙي ڪُئي جي برابر پئي ڄاتو.

اسانجو هڪ ٻئي تي پورو اعتماد هو، جيتوڻيڪ اسانجي دوستيءَ کي گهڻا لوڏا آيا، غلط فهمين جا طوفان آيا ۽ دشمنين جا واچوڙا اُٿيا، پر دل ۾ هميشہ هڪ ٻئي لاءِ محبت رکي سون. هميشہ هڪ ٻئي کي دعائون ڪيوسين. هڪ ڏينهن چيائين ”جڏهن بہ تون مونکان ڌار هوندو آهين، تہ هميشہ تنھنجي خيريت لاءِ دعائون گهرندو آهيان. پيو ڪير تولاءِ ائين دعا جا هٿ ڪڻندو هوندو؟“

منهنجن اعصابن تي سوار هو ۽ ڪنهن به طرح ذهن مان نٿي نڪتو. سندس مسڪرائيندڙ چهرو سڄي رات اکين اڳيان پئي ڦريو ۽ سندس اکين جي چمڪ مونکي سچ پچ بي اختيار بڻائي وڌو هو.

منهنجي بيقراريءَ کي منهنجي نندي ڀيڻ زيب هڪدم پروڙي ورتو. مون گهڻو لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن مونکي مڃائي، منهنجي پيٽ مان راز ڪڍي ورتو.

”تون ته چري آهين،“ زيب چيو. ”الائي ڪير هو، جنهن کي ڪٿي دل ۾ جاءِ ڏني اٿئي.“ زيب جي ائين چوڻ سان منهنجي دل تي ته چنبو ڪونه پيو، اٿلندو پنهنجي جذبات ۾ عجيب اٿل پٿل محسوس ڪيم.

هڪ ڀيرو وري هو مونکي شهر جي بارونق بازار ۾ ڪتابن جي دڪان تي نظر آيو. هڪ به ڀيرا چور نظرن سان مون ڏانهن نهاريائين، پوءِ چپ چاپ خريداريءَ ۾ لڳي ويو. مون چڱيءَ طرح سندس شخصيت جو جائزو ورتو. آن ڏينهن شاهين مون سان گڏ هئي. آن مونکي ٺونٺ هڻي سجاڳ ڪيو. هو ڪتاب وغيره وٺي هليو ويو. شاهين مونکي ٽوڪيو، ”چري، ائين ڪنهن مرد ڏي گهور ڪري نهاربو آهي ڇا؟“

”شاهين، اهو ڪير هو؟“

”ڪير به هجي.“

”پليز.“

”چو اچي چڙتي تي آهين،“ شاهين چيو. ”اٿئي ڇا دلچسپي؟“

”فرض ڪر....“ مون چيو.

”هان!“ شاهين جو وات ڦاٽي ويو.

پوءِ جڏهين گهر پهتاسون ته هو سمجهائڻ لڳي، ”اڙي، هو تصوراتي دنيا جو واسي سو تنهنجي دل جي دنيا کي ڪيئن آباد ڪري سگهندو؟ هو ڪٿي تنهنجي تمنائن جي طوفانن جي سٽ جهلي سگهندو؟“ وري مونکي چاڙهيءَ هينان هٿ ڏيئي چيائين، ”پر ته به خبر وٺجي ته ويڪنسي آهي يا نه؟“

”شاهين ڊيئر....“

”مون لاءِ اشارو ڪافي آهي، آءٌ مصور جي زبان خوب سمجهان ٿي.“

”نجم، منهنجو اِهو مقصد نه هو.“

”ها ها، مقصد سمجهي سگهان ها ته ڇو برباد ٿيان ها.“

منهنجن سڏڪن تي ايترو چيائين، ”نجم مونکي افسوس آهي.“ جڏهن آءٌ خاموش ٿيس ته چيائين، ”نجم، منهنجين مجبورين کي ڏس.“ مون کيس اڻ سڌيءَ طرح شادي لاءِ چيو، پر هُن ڪو واضح جواب نه ڏنو. حقيقت ۾ هنجي آنا ڪاني منهنجي تباهيءَ جو باعث ٿي.

اُن ڪانپوءِ هُو ڪنهن شاهڪار تصوير جي تڪميل لاءِ ڪنهن پرفضا مقام تي هليو ويو ۽ ڪافي وقت ساڻس ملاقات نه ٿي. پوءِ وري ٻڌڻ ۾ آيو ته هُن مصوري ڇڏي ڏني هئي. هڪ سال ڪانپوءِ جڏهن مونکي مليو ته مون هنجي اکيان آخري پيرو محبت جي جهولي پکيڙي. هُو چڱيءَ موڊ ۾ هو. ڳالهه ڳالهه تي پئي مرڪيو ۽ منهنجي دل پئي خوش ڪيائين.

”نجم، تون منهنجي پوزيشن کي نٿي سمجهي سگهين.“

”اِها عورت جي خامي آهي.“

”آءٌ چاهيان ٿو ته اسين دوستن وانگر رهون.“

”دوستن وانگر!“ مون چيو.

”ها، دوستن وانگر،“ هن چيو. ”تنهنجي شادي ڪنهن سان به ٿئي، پر اسين دوستن وانگر رهي سگهون ٿا.“

”گناهه جي ترغيب ڏيڻ جي ضرورت ناهي.“ منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

”نجم، مونکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. منهنجو مطلب اِهو ناهي جيڪو تون ٿي سمجهين.“

”هڪ مشرقي عورت ائين ڪڏهن به نه ڪندي،“ مون چيو.

”هڪ مشرقي عورت پنهنجن مائٽن کان لڪي، غيرمرد سان ملڻ ۾ عيب نٿي ڄاڻي پر....“

”آءٌ بلڪل ڪونه ملنديس.“ سندس ڳالهه ڪاٽي چيم.

هيروئن ٻاويهن يا ٽيويهن سالن جي پٺي لڳي . منهنجي شادي اڳ ۾ ئي ٿيل هئي. پر شاديءَ جي مقصد جي رڳو ايتري خبر هيم ته زال گهر ۾ اچي ماني پچائيندي آهي ۽ بس. پاڻهي ٻار پيدا ٿيندا آهن، پر جي ٻار نه ٿيا ته چئبو ته خدا نٿو ڏي . منهنجي شادي ماڻٽن پنهنجي خوشي ڏسڻ لاءِ ڪئي هئي ۽ مونکي به آفرين ڏيو جو نون ڪپڙن جي خوشيءَ ۾ موڙ ٻڌي گهوٽ ٿيس. انهيءَ حساب سان منهنجي رت جو دؤرو تيز ڪرڻ جو پهريون اعزاز منهنجي هن هيروئن کي مليو. هن پنهنجي پيار جا بي انداز ٽپا، منهنجي ڇهري ۽ هٿن تي هنيا. ٽافيون به ڪارايائين . يقيناً هنکي منهنجي ڪمسنيءَ جو احساس هو . ٽافين جي لالچ نهايت مناسب هئي. پوءِ معلوم ٿيو ته لالچ ڏيڻ هنجي خاندان جي روايت هئي . ڪنهن پکيءَ کي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي، آن کي ننڍيون وڏيون لالچون ڏيئي، قبضي ۾ ڪري، نيٺ پر - ڪاٽي ڇڏيا ويندا هئا. ڪيترو به آهو بيوس پنڇي پک ڦڙاڙي، ته به آزادي ممڪن نه هئي. سواءِ ڪنهن غيبي امداد جي.

هڪ ڏينهن هُوءَ چوڻ لڳي، ”منهنجي شادي ٿيڻ واري آهي. شاديءَ کان هفتو اڳ آءٌ توکي هتي رات جو ملنديس. پوءِ توکي هڪ خاص ڳالهه ٻڌائينديس. ايندين نه؟ تون منهنجي ڳالهه ٻڌندين نه؟“

”ها،“ مون سندس هنج ۾ ليٽي ليٽي، ڪنڌ لوڏي چيو. ”ڳالهه چونه ٿا ٻڌندس.“

”ڏس متان نه ٻڌين؟“

”آءٌ ٻوڙو ٿوروئي آهيان.“

”آءٌ توکي ٻوڙو ڪري ڇڏينديس.“

”ڪيئن ٻوڙو ڪندين؟“ مون اچرج منجهان پڇيو.

”هينئر توکي ڪونه ٻڌائينديس.“ هُن چيو. اُن رات پوئين شو ختم ٿيڻ تائين آءٌ هن جي هنج ۾ ننڍڙي ٻار وانگر پيو رهيس. هُن مونکي ايترو پيار ڪيو جو مون سمجهيو ته هُوءَ مونکان سواءِ رهي نه سگهندي.

هُنجي شاديءَ کان پورو هڪ هفتو اڳ مقرر رات، آءٌ چور دروازي کان داخل ٿيس. سياري جي رات هئي. سندس گهر جا

جي ڪيفيت لفظن ۾ بيان ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. منهنجي ڪنن ۾ سندس لفظ وڄڻ لڳا:
”شاديءَ کانپوءِ ائين....“
اُهو ليڪچر الائي ڪيئن ڏنم. ڪامن روم ۾ پهتس ته عجيب حالت هيم. اکيون بند ڪري ڪرسيءَ تي ڪري پيس.
اُنهن ئي ڏينهن منهنجي قاسم سان واقفيت ٿي، جنهن تي آءٌ ناز ڪريان ٿو. قاسم ۾ هڪ سچي دوست جون خصوصيتون هيون. اڄ به آءٌ هُنجي محبت ۽ سچائيءَ تي فخر ڪريان ٿو. هو هڪڙي ڏينهن ڪامن روم ۾ آيو ۽ چيائين، ”سائين، جلدي هلو.“
آءٌ اُن ’جلدي هلو‘ جي اثر هيٺ هن سان هليو ويس. هن مونکي هڪ ڪيفي ۾ پنهنجي هڪ دوست رشيد سان ملايو. هوٽل مان اُٿڻ وقت بل ڏيڻ ۾ رشيد بيجا تڪڙ ڪئي ۽ پنهنجو پتون ڏيکارڻ جي آجائي ڪوشش ڪيائين. آءٌ گهبرائجي ويس. ٿورن ڏينهن ۾ خبر پئي ته هي ڪرمفرما ادب ۽ تاريخ توڙي ٻين علمن ۽ فنن جي اهميت، اصليت ۽ ماهيت کان واقف هجڻ جو دعويدار هو. جملي آسماني، زميني ۽ خلائي علم هُنجي اڳيان عاجز هئا.
قاسم کي چيم ’چڱو نه ڪيو آنئي.‘ منهنجو انديشو صحيح نڪتو، رشيد تيزيءَ سان مون ڏانهن وڌيو ۽ هفتي کان پوءِ مونکي پنهنجي گهر دعوت ڏيئي وني ويو. اُتي پنهنجي زال سان منهنجو تعارف ڪرايائين ته منهنجو وات ڦاٽي ويو.

منهنجي وچايل هيروئن منهنجي اڳيان بيٺي هئي.

---

تنوير عباسي

# ڊائريءَ جا ڪجهه ورق

(ننڍڙيون ڪهاڻيون)

## ماڻهن ۾ نه آيو

هڪ سيد ڪان ٻئي سيد جو پڇيم. چيائين، "اڄڪلهه شيخن ۽ واڻين سان ٿو گهمي. اسان سيدن مان نڪري ويو آهي."
مون جواب ڏنس، "چڱو ٿيو. ماڻهن ۾ نه آيو."

## پير

اسانجي تَرَ جو ڊنگ پير، جنهنڪي لکها مريد آهن منهنجي اسپتال ۾ آيو. موذوت ويٺل سڀ مريض اٿي بيٺا. ڪي ڪيس پيرين پوڻ لڳا، ڪي سندس هٿ چمڻ لڳا. هڪ شخص، جيڪو پنهنجو ڇوڪرو موذوت علاج لاءِ وٺي آيو هو، سو سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ نيزاري ڪري چوڻ لڳو ته، "هنجي مٿي تي دعا جو هٿ گهماءِ ته چاق ٿئي." پير ڏاڍي تڪبر مان ٻار جي مٿي تي هٿ رکيو. مان ڪرسيءَ تي ويٺي، واڻڙن وانگر پنهنجي اسپتال ۾ آيل اٿل، پٿل ڏسي رهيو هوس ته پير چيو، "منهنجي طبيعت ته ڏسو.... ۽ ڀلائي ڪري اهڙي دوا ڏيو، جو مان جلدي ٺيڪ ٿي وڃان. اليڪشن ۾ بيٺو آهيان، ڏاڍو ورڪ ڪرڻو اٿم."
اڻين ڇئي پنهنجي ٻانهن وڌائي منهنجي آڏو ڪيائين. مون سندس نبض تي هٿ رکي، سندس هٿ ڏي به ڏٺو، (جيڪو ڪجهه

## مان حلال ڪمائيندو آهيان

اج هڪ ڊاڪٽر مليو، جيڪو شاگرديءَ جي زماني ۾ سنهڙو هو، ۽ هاڻي تمام ٿلهو ٿي ويو آهي. مون کان پڇيائين، ”تون روز بروز سنهو ٿيندو ٿو وڃين؟“ مون مرڪي چيو، ”مان حلال ڪمائيندو آهيان“ ۽ پوءِ سندس منهن ۾ نظرون کپائي چيم، ”۽ تون روز بروز ٿلهو ٿيندو ٿو وڃين؟“ هن جواب نه ڏنو ۽ نا هٿ ملائڻ جي هليو ويو.

## ڪرڪيٽ جا قانون

— مقامي بيٽسمين هِٽ هڻي بال - کي انهيءَ ننڍڙي ۽ اونهي تلاءُ ۾ وجهي ڇڏيو، جيڪو باؤنڊري لائن ۾ هو، فيلڊر ٻڏل بال - کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، ۽ ٻئي بيٽسمين رنز ٺاهي رهيا هئا. ٻهرين ڊوڙندا رهيا، ۽ پوءِ اطمينان سان آهستي آهستي هلي رنز مڪمل ڪرڻ لڳا. ٻئي ڌر - جي ڪئپٽن اعتراض ڪيو، ته ڪيس ڪرڪيٽ جي قانون جو ڪتاب ڏيکاريون، جنهن ۾ لکيل هو ته: جيستائين بال باؤنڊريءَ تائين نه پهچي، ڪيچ نه ٿئي، وڪٽ ڪيپر يا بالر جي هٿ ۾ نه پهچي وڃي، بيٽسمين رنز ٺاهي سگهن ٿا. ٻڏل بال نه ملي سگهيو، ۽ مقامي ٽيم ٻه سؤ هڪ رنز تي اننگ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ٻي ڌر - جا بيٽسمين ڪيڏڻ آيا، مقامي فاسٽ بالر ڊگهو اسٽارٽ ورتو، ڊوڙندو آيو، اچان وڪٽن کان پري ٿي هو ته ڪابي طرف مڙي ويو ۽ ميدان جا ڇهه ست چڪر هڻي، وري وڪٽن ڏانهن آيو، پر وري ساڄي پاسي مڙي ميدان جا چڪر هڻڻ لڳو. ٻئي ڌر - جي ڪئپٽن جي احتجاج تي ڪرڪيٽ جي قانون جو ڪتاب وري سامهون رکيو ويو — لکيل هو: بالر جيترو ڊگهو اسٽارٽ چاهي وٺي سگهي ٿو. تنهنڪري بالر، جيڪو ڊگهي ڊوڙ - ۾ انعام حاصل ڪري چڪو هو ۽ دراصل ڪرڪيٽ جو رانديڪر نه هو، اٽڪل پوڻا ٻه ڪلاڪ اسٽارٽ وٺڻ ۾ مصروف رهيو ۽ شام ٿي وئي، ۽ ڪرڪيٽ جي قانون مطابق گهٽ روشنيءَ ڪري راند ختم ٿي وئي — ميچ - ’ڊرا‘ ٿيو.

— شفيق الرحمان

(اردو ڪهاڻي ’ڊينيوب‘ ’اردو ڊائجسٽ‘ تان ورتل)

چار لڳا. آفيسر صاحب اٿيو. سڀ پٽيوالا انهيءَ اوسيئڙي ۾ هئا ته صاحب بنگلي تي ڪنهنڪي ٽو وٺي هلي. پر صاحب ٻاهر نڪتو ۽ بنا ڳالهه ٻولهه جي نڪري ويو. پٽيوالن جي چهرن ڳاڙهي چٽي وئي. انهيءَ تي سڀ پٽيوالا ماٺ ڪري، وات ڦاڙي، اکيون ڦاري ائين بيٺا رهيا ڄڻ سامهون ڪو جنازو پئي ويو. اُت ياروءَ جي رڳ ڦڙڪي ۽ ڊوڙ پائي وڃي صاحب سان گڏيو ۽ چيائين، "سائين، ڪاغذ مونکي ڏيو آءٌ کڻي هلان."

صاحب جواب ڪونه ڏنس. پر ڪيس منٿ ڪن ڏسندي چيائين، "منهنجو ڪوارٽر کهڙي پاسي آهي، هن قطار ۾ آهي نه؟"

"سائين، هلو آءٌ ڏيکاريان." ياروءَ جهپ هڻي صاحب جي هٿ مان ڪاغذ ورتا ۽ صاحب جي پٺيان هلڻ لڳو. "سائين، اوهانجو بنگلو هن پاسي واري ڪوارٽرن جي ڇيڙي تي آهي."

"تون به پٽيوالو آهين؟" صاحب پڇيو.

"ها قبلا، نوڪر يارو." يارو ڄڻ وڇائجي ويو. انهن چئن اکرن ۾ ياروءَ پنهنجي سموري زندگيءَ جو خلوص، تجربو ۽ وفاداري، پنهنجي اندر مان ڪڍي کڻي صاحب جي حضور ۾ رکي.

"ڪڏهن کان نوڪريءَ ۾ آهين؟"

"سائين، شيخ صاحب جي وقت کان."

"شيخ نصيب علي جي وقت ۾ بيٺو آهين؟"

"ها سائين، ڀلو ماڻهو هو."

"ڇو گذاري ويو ڇا؟"

"نه سائين، جيئرو آهي. الله وڏي حياتي ڏيس."

"الائي تون پيو چئين ته ڀلو ماڻهو هو.... مون سمجهيو...."

"سائين، ڏاڍو دلير آفيسر آهي. هٿ سيني جو مٺُ وهندو هو. شل نه ڪنهن تي ڏمرجي، اصل قيامت آڻيو ڇڏي. پر سائين، ڳڻ ڏسوس جنهن تي مهر ڪري ته اصل و رسائي ڇڏيس. سائين، آفيسر آهي ماءُ پيءُ جي برابر. اسين آهيون اوهان جا ٻچا، اوهانجي در جا ڪتا آهيون. جي ٽُڪر ڪاڻوسين ته مجال آهي جو ڪو اکر اوهانجي خلاف چئي وڃون ڀل سر وڃي ته هليو وڃي پر وفاداريءَ ۾ فرق

”ڀليل آھين. بابا، اِھا فقط پروپئگنڊا اٿئي. جڏھن وزارتون ڏنيون ملن تہ وري اھو ٿا چون تہ اسان پاڻ ڏتڏي ڇڏيون. قوم کي اھڙن غدارن جي گھرج ڪانھي. اسان جھڙن نوجوانن جي گھرج....“

ڳالھہ اڌ ۾ ڇڏي، ڊوڙ پائي در- کي بند تہ ڪري، جيڪو ھوا جي زور تي کلي پيو ھو.

منھنجي چپن تي مُرڪ اچيو وڃي (اصلي مُرڪ-) چوانس ٿو، ”ڇو، ڊڄين ٿو ڇا؟“

”نہ بابا، ڊپ ڇاجو.“ وري آھستگيءَ سان چوي ٿو، ”ڏس وقت ڪھڙو آھي. پيٽ گذر لاءِ نوڪري تہ ڪرڻي آھي.“ وري زور سان چوي ٿو، ”انھيءَ ڪري اسين سرڪار بھادر سان وفادار آھيون.“ دروازي ڏانھن ڏسي آھستگيءَ سان چوي ٿو، ”باقي ائين تہ اسين مولائي مڙس آھيون، سر تان سانگو لاھي ويٺا آھيون. پنھنجي قوم خاطر سوريءَ تي بہ خوشيءَ سان چڙھي وينداس، ۽ زبان مان ’اُف‘ بہ نہ نڪرندي. ادا، پنھنجي ھٿ ۾ تہ آھي قلم، قلم جي زور تي قوم کي جاڳايون پيا. باقي تلوار ڪڍڻ جو وقت اجا نہ آيو آھي. ۽ سچ پچ تہ ھن پاڙي قوم لاءِ تلوار ڪڍڻ بہ اجائي آھي.“

سوچيان ٿو – ’پاڙي قوم!، تون بہ تہ انھيءَ قوم مان آھين، مان بہ انھيءَ قوم مان. جڏھن تون ئي پنھنجي قوم کي پاڙي چوندين تہ ڌاريان چونہ چون.‘ اُتان ٿو. مونکي اُتندي ڏسي، آفيس جا ڪاغذ سيري پنھنجي اڳيان ڪري ٿو، ۽ چوي ٿو، ”يار ويھين ھا نہ.“

ڏانھس ڏسان ٿو. ”نہ، ٻئي ڪنھن وقت.“ ويندي ويندي پڇان ٿو، ”ڇو يلا اج ڪلھہ تنھنجي ڪا ڪھاڻي نٿي ڇپجي. تو کي اھي قومي ڪھاڻيون لکڻ بند نہ ڪرڻ گھرجن.“

”يار وقت نيڪ ڪونھي. ۽ ائين بہ سوچيان ٿو ڇو انھن مفت خور ايڊيٽرن لاءِ لکان. مان قلم پئسن سان وٺان، مس تي پئسا ڏيان، پئسن سان ڪاغذ اچن، لکڻ وقت ڪير پئسن سان وٺي پيان. ۽ ڪين ڏيان مفت. بابا، ھاڻ تہ جيڪو پئسو ڏيندو انھيءَ لاءِ لکبو. پگھر سان لکبو، رت سان لکبو، دل سان لکبو.“

مان ڪوبہ جواب نٿو ڏيان، آفيس مان نڪري ٻاھر اچان ٿو.

لاءِ 'ورڪ' نٿو ڪري سگهجي. اِها ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي، جيڪڏهن اسانجا سڀ پڙهيل لکيل، سٺين نوڪرين وارا نوڪريون ڇڏي، انهن 'ورڪ' ڪندا ته ڇا انهيءَ مان اسانکي فائدو رسندو؟ مون هڪ دفعي ڊپيل لفظن ۾ ڪيس اِها صلاح به ڏني هئي ته: هو ڪا چڱي نوڪري ڪري. سٺو پگهار ملندو، ٿوري پگهار مان پنهنجو گذر ڪري، باقي پگهار قومي ڪمن لاءِ ڏي. نوڪري ڇڏڻ سان ته سندس بار به قوم تي پوندو. منهنجي صلاح تي هن مُرڪي ڏنو. چيائين، "بهتري ڇا ۾ آهي، انهيءَ جي ڄاڻ مونکي آهي." واقعي هو ليڊر آهي، هن وٽ سوچڻ سمجهڻ جي قوت وڌيڪ آهي. مونکي هن تي شڪ نه ڪرڻ گهرجي.

سوچيان ٿو يونيورسٽي نه وڃان، هاڻ گهر موٽي وڃان. مونکي ايڏو پريشان ٿيڻ نه گهرجي. مان ڇو اڇي منجهيو آهيان. اسانجو مستقبل ته ليڊرن جي هٿن ۾ آهي. اهي اسانجا هڏ ڏوکي آهن، اسانجي پَري ڀلي لاءِ اهي سوچيندا. اسانکي فقط انهن جي لاءِ نعرا هڻڻا آهن، هر قرارداد تي 'قبول آهي' چوڻو آهي. سوچڻ ڪم اسانجو نه آهي.

سامهون هڪ نئين ماڊل جي ڪار بيٺي آهي. ڪار جي ماڊل مان سڃاڻان ٿو ته اِها ڪنهنجي آهي. اِها ڪار هڪ نئين قومي ليڊر جي آهي. هن قومي ليڊر جي اهميت ٻين ليڊرن کان وڌيڪ آهي. انهيءَ جا ڪجهه سبب آهن. هي شاگردن جو ليڊر به آهي، اديبن جو به. اديبن ۽ شاگردن کان علاوه جيڪي بچن ٿا انهن جو به. مذهب کي پسند نٿو ڪري، ڇو جو سندس خيال آهي ته مذهب ۾ سرمائيداريءَ جي پنيرائي ڪيل آهي. پاڻ پڪو ڪميونسٽ آهي. زور شور سان تحريڪن ۾ حصو وٺي ٿو ۽ پاڻ به تحريڪون هلائي ٿو. ٻين ليڊرن کان انهيءَ ڳالهه ۾ به مختلف آهي، جو مختلف جماعتن سان همدردي ۽ لاڳاپي جي باوجود به، ڪنهن به جماعت ۾ ڪو عهدو قبول نه ڪيو اٿس. سندس هڪ ويجهي دوست ٻڌايو ته عهدي وٺڻ سان هي ٻي جماعت جو اعتماد وڃائي ويهندو. هر جماعت واري کيس 'پنهنجو' سمجهي، سڀ ڪجهه کيس ٻڌائيندا آهن، ۽ صلاح مصلحت وٺندا آهن، هيءُ به انتهائي خلوص ۽ نيڪ دليءَ سان سڀني

محمد بخش سومرو

# نهائين ڪان نينهن

هو جيئن ئي ڪلاس روم ۾ داخل ٿيو، سڀني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ڌيان پروفيسر صاحب سميت ڏانهس ڇڪجي ويو. ڪاليج جو نئون سيشن شروع ٿئي ٻه مهنا گذري چڪا هئا، اهڙي وقت ۾ نئين داخلا جو ته سوال ئي نه ٿي پيدا ٿيو، پر هو ٻئي ڪاليج کان Migration ڪري آيو هو آنرز ڪرڻ لاءِ. هن جي پهرين ڪاليج ۾ آنرز پڙهائڻ جو بندوبست ڪونه هو ۽ انهيءَ بنياد تي سندس مائيگريشن منظور ٿيو هو. آنرز ته صرف بهانو هو، حقيقت ۾ جنهن ڪاليج ۾ هو هاڻ آيو هو تنهن ۾ پڙهڻ جي سڌ کيس هميشه رهي هئي. هن پنهنجي نئين ڪاليج جي باري ۾ تمام دلچسپ ۽ رنگين ڪهاڻيون ٻڌيون هيون. ڪاليج جا ڇوڪرا تمام مذهب ۽ فيشن جا ڪوڏيا آهن، مخلوط تعليم آهي، ڇوڪريون پڻ فيشن ايبل ۽ شائسته آهن. ڪاليج جي ٻاهرين گيٽ کان اندر ٿيندي ئي کيس محسوس ٿيو ته جو ڪجهه هن ٻڌو هو، ڪاليج انهيءَ کان ٻه وڌيڪ رنگين هو. هن کي هڪ نئين دنيا ڏسڻ ۾ آئي هئي، هر طرف خوش ۽ هشاش بشاش چهرا وقت جي بي رحميءَ کان بي خبر ٽڪر ٽڪر ٿي ٽوليون ٺاهيو ڳالهين ۾ مصروف هئا. ڪو ٽيرس ۾ ويٺل هو ته ڪو ٽڪ شاپ ۾. ڪاليج جي ٻماڙ جهوني، پر پرشڪوه عمارت ۽ اڳيان هاڪيءَ جو گراسي گرائونڊ، ساڄي طرف ٽينس جا گرائونڊ، کٻي پاسي ٽيرس ۽ ان ۾ لڳل فوارو سهڻو ڏيک پيش ڪري رهيا هئا. پر ڪلاس روم ۾ داخل ٿيندي ئي جيئن سندس نظر سامهون ويٺل ڇوڪريءَ تي پيئي هو حيران رهجي ويو. هن رنگ ۽ بوءِ جي جهان ۾ هوءَ ڪيئن سادگي ۽ معصوميت جو جيئرو جاڳندو مجسمو معلوم ٿي. مٿي تي اڇو رئو، سادا ۽ باوقار ڪپڙا، ميڪ اپ کان آزاد چهرو، خوبصورت اکيون ۽ گلابي ڳل. ڪو ٻيو کيس ٻڌائي ها ته هو يقين نه ڪري ها ته

ڪان رهيو نه ٿيو پڇيائين، ”جنس- لطيف جو رويو توهان سان ڪهڙو آهي؟“ انهيءَ سوال تي سندس ٻن دوستن گڏجي هڪ ٽهڪ ڏنو. تراب علي تراب ٽڏو ساهه پريندي وراڻيو، ”يار پنهنجو حال ته ’ڏيکاري گره سو ڏوران ٿو نه ڏئي هٿ ۾ سو موران ٿو، چوي ٻيٺو چريا چپ چپ‘ وارو اٿيئي، هاڻ تنهنجي خبر پوي.“ قيصر چيو، ”ڏسجانءِ ڪنهن ’حوا‘ کي ڇيڙجانءِ نه، نه ته بسترو ڪولڻ جي فرصت به نه ماڻديئي. انهيءَ جرم جي سزا ڪاليج نيڪالي اٿيئي، ڪاليج نيڪالي“. دوستن جي گفتگو مان سمجهي ويو ته ڪاليج ۾ مخلوط تعليم ڪيتري حد تائين هئي پر پنهنجي ذهن کي سمجهائي نه سگهيو ته ائين ڇو هو؟ ڇوڪريون هڪ لفظ ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڇو پنهنجي روم طرف هليون ويون هيون؟ ڇا ڪين ڇوڪرن تي اعتماد نه هو يا اجا تائين پنهنجي مٿان اعتماد ڪرڻ نه سکيون هيون؟ سماج مخلوط تعليم جي اجازت ڏني ٿو ته پوءِ هي بي اعتمادي ڇا لاءِ؟ هن انهن ڳالهين تي سوچڻ پئي چاهيو، پر سنگتين جي ڪل پوڳ کيس وڌيڪ سوچڻ جو موقعو نه ڏنو.

ڪاليج ۾ سندس هي ٻيو ڏينهن هو. هو جيئن ڪاليج گيٽ وٽ پهتو هڪ ڪار سندس پاسي کان نڪري وئي. کيس معلوم ٿيو ته زرينه هڪ امير پيءُ جي ڌيءَ هئي. غيرشعوري طور هنجي نظر پنهنجي پيرن طرف وئي، سندس بوٽ تي دز جو ٿهه چڙهيل هو. هو هڪ ڏيڍ ميل پنڌ ڪري ڪاليج پهتو هو. هڪ طنزيه مسڪراهٽ سندس لبن تي آئي ۽ هو اڳتي وڌي ويو.

ڪاليج ۾ آئي هاڻي کيس ڪافي ڏينهن ٿي چڪا هئا. پنهنجي سيني ڪلاس جي ساٿين جي باري ۾ هو ڪنهن حد تائين ڄاڻي چڪو هو، پر ڪلاس ۾ جنهن هستيءَ جي باري ۾ سوچيندي هنجو گهڻو وقت لڳندو هو سا هئي زرينه. هنجا والدين ڪير آهن؟ هوءَ ڇو ايتري سنجيده آهي، ڇا هوءَ مغرور ته ناهي؟ پر ٻئي لمحي سندس دل چوندي هئي: ’زرينه مغرور ٿي نٿي سگهي.‘ کيس ڪاليج ۾ داخل ٿئي هڪ مهيني کان زياده عرصو گذري چڪو هو. زرينه هاڻي سندس سوچ جو محور ٿي چڪي هئي. هر روز هوءَ سوچي ايندو هو: ’اڄ مان سائس

تون پاڻ تي ظلم ڪري رهيو آهين، ڇا تنهنجي بيوه ماءُ تو کي انهيءَ ڪري پڙهڻ لاءِ موڪليو آهي جو تون عشق ڪندو وتين. سوچ ته سهين تنهنجي بيوه ماءُ، هڪ ننڍي ڀاءُ ۽ ننڍي ڀيڻ جو تو ڪانسواءِ ڪير سهارو آهي. والد جيڪڏهن ٿورڙي زمين نه ڇڏي وڃيئي ها، ته اڄ تون مزدوري ڪندي ڏسجين ها. هاڻي به تنهنجي حالت اها آهي جو جيستائين وقتي نوڪري نٿو ڪرين، تعليم جاري رکي نٿو سگهين. پر سوچ جي وهڪري به ڪڏهن محبت کي ماريو آهي.

هوڏانهن زرينه، يوسف جي ذهني ڪيفيت کان بيخبر سوچيندي هئي: يوسف ڪهڙو نه عجيب ڇوڪرو آهي! ڪڏهن ڪنهنجي طرف اک کڻي به نٿو نهاري. هونءَ، مغرور ڪنهن جاءِ جو، آيو آهي وڏو نواب صاحب، جڏهن سامهون ايندو آهي ڪيئن نه اڻچاڻ بڻجي هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو هليو ويندو آهي. هوءَ يوسف کي ڏسندي هئي ته سندس دل چوندي هئي: ڪاش! اڄ هو مونسان به اکر ڳالهائي. يوسف جي خاموشيءَ کيس سوَن وسوسن ۾ وجهي ڇڏيو هو: ڪٿي هو ڪنهن ٻئي سان ته محبت نٿو ڪري. پر ٻئي پلڪ سندس دل چوندي هئي: نه ائين نٿو ٿي سگهي. وري کيس خيال ايندا هئا: شايد يوسف کي منهنجي ڪار ۽ اميري مونکان پري رکيو هجي. جڏهن هنکي خبر آهي ته هو هڪ امير زاديءَ سان شادي نٿو ڪري سگهي ته پوءِ هو مون ۾ دلچسپي ڇو وٺي. اهو خيال اينديئي ٻئي ڏينهن کان زرينه بس ۾ ڪاليج اچڻ شروع ڪيو. پهرين ڏينهن ته هنجون ساهيڙيون سندس زباني اهو ٻڌي: ڪار مرمت لاءِ ويل هئي، چپ ٿي ويون، پر جڏهن کيس ڪار ڪانسواءِ ڪاليج ايندي گهڻا ڏينهن گذريا ته ڪلاس وارن کي ڇڻ هڪ نئون موضوع ملي ويو. اسڪينڊل جي ڳولائڻ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته ڪٿان ڪو سراغ ملي. اهو ته ڪنهنجي خواب ۽ خيال ۾ به نه هو ته ڪو زرينه يوسف جي ڪري ٿي بس ۾ اچي، تنهنڪري ڪو اسڪينڊل نه ٺهي سگهيو ۽ آهستي آهستي هي موضوع به ڪنهن ٻئي موضوع لاءِ جاءِ خالي ڪري ويو.

پاڪباز ظاهر ڪندي هئي پاڻکي.... مان به سوچيندو هوس اهڙو سهڻو گل ڇهڇڻ کان ڪيئن بچيو هوندو.“ اهو ٻڌي يوسف چڙ ته چرڪ پريو. هونئن ته چوڪرا روز ڪنهن نه ڪنهن چوڪريءَ کي پنهنجي گفتگو جو نشانو بڻائيندا هئا، پر اج واري گفتگو جو انداز مختلف هو. سيڻي جي چهرن تي ناگواري بلڪ برهميءَ جا آثار هئا. چيمه چڙ ته هڪ فاتح جي حيثيت ۾ اڌهن سيڻي جي وچ ويٺو هو ۽ چشڪو وٺي وٺي پئي ڪين ٻڌايائين. هن به چيمه کان پڇو، ”ڪالهه مون پنهنجي هڪ دوست وٽ زرينه جو ڊار جي نالي لکيل خط اوچتو ڏسي ورتو. خط هن ريت شروع ٿئي ٿو.“ چيمه پنهنجي سيني تي هٿ رکي ايڪٽنگ ڪندي چوڻ لڳو، ”منهنجا پيارا ڊار...“

انهيءَ ڪانپوءِ هو ٻڌي نه سگهيو. ڪيس چيمه جو آواز تمام پري کان ايندو معلوم ٿيو. هو تصور ئي تصور ۾ زرينه ۽ ڊار کي پاڻ ۾ ڳل چرچا ڪندي ڏسي رهيو هو. ڊار زرينه کي چيڙي رهيو هو ۽ هوءَ ڊار کي. ”اڙي يار ڪٿي آهين،“ چيمه جي آواز تي هن چرڪ پري ڏانهس نهاريو، ”ڪٿي به نه.“ هن ورائيو، ”سوچي رهيو هوس چا ائين به ٿي سگهي ٿو!“

”هن دنيا ۾ ڪجهه به ناممڪن ناهي پيارا،“ چيمه چوندو ويو، ”هي پاڻکي پاڪباز ڊيڪارڻ وارا فقط پنهنجن ڪرتوتن لڪائڻ لاءِ ائين ڪندا آهن. تون پاڻ ئي سوچ، زرينه جوان آهي، حسين آهي، دولت مند پيءُ جي ڌيءَ آهي، هنجي پهلوءَ ۾ به هڪ دل آهي. چا هوءَ ٻين چوڪرين کان مختلف آهي؟“ چيمه جو پوئيون جملو ٻڌي ڪيس هڪ جهٽڪو لڳو.

”مونکي اج ڪجهه ڪم آهي يار. اج مان شايد پيرڊ اٽينڊ نه ڪري سگهان.“ اهو چوندي هو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ چيمه جو آواز سندس ڪنن سان ٽڪرائجي رهيو هو: چا هوءَ ٻين چوڪرين کان مختلف آهي، چا هوءَ ٻين چوڪرين کان مختلف آهي. چ ـــ ر ـــ ر. بس جي بريڪن فضا ۾ شور مچائي ڏنو. هن چرڪ پري ٽپ ڏنو ۽ ڊرائيور ڪيس تکين نظرن سان ڏسندو بس

ڪيڏي ويڙ. هو پيهر هلڻ لڳو، پنهنجي روم ۾ پهتو، پر ڪيئن، اها ڪيس خبر نه پيئي.

زرينه ۽ ڏار جي اسڪينڊل جو هاڻي روز ڪو نه ڪو نئون گل ٽڙندو هو. ڪڏهن منير چوندو هو، "ڪالهه هو راويءَ جي ڪناري گهمي رهيا هئا." قيصر ٻڌائيندو هو، "هو ٻئي يونيورسٽي لائبريري ۾ روزانا شام جي وقت ملندا آهن." "مون ڪين ريگل ۾ ڏٺو هو." تراب علي تراب اطلاع ڏنو. هو اهو سڀ ڪجهه ٻڌندو هو پر ڪابه راءِ زني نه ڪندو هو. ٻڌي ٻڌي ڪيس به يقين ٿي ويو هو، پر اها به ڪيس چاڻ هئي ته هر ڪنهن دل ئي دل ۾ زرينه کي ٻئي چاهيو. گذريل ٽن سالن ۾ هو زرينه جي تعريف ڪنهن نه ڪنهن نموني ڪندا رهيا هئا. هن سوچيو: شايد زرينه جو حد کان زياده Reserve (محتاط) رهڻ ڪري ۽ سالن جي مايوسي ۽ محروميءَ جي احساس اهو رنگ اختيار ڪيو هجي. ٿي سگهي ٿو اهو سڀ ڪوڙ هجي. پر هڪ ڏينهن هن پاڻ زرينه ۽ ڏار کي يونيورسٽي لائبريريءَ ۾ گڏ ويٺل ڏٺو. هو دنيا و مافيها کان بي خبر هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا. لائبريري ۾ جيئن ته وڏي آواز سان ڳالهائڻ جي منع هئي، انهيءَ ڪري هو ڪجهه ٻڌي ته نه سگهيو، پر هن لاءِ ته اها به وڏي ڳالهه هئي جو زرينه ۽ ڏار اهڙي محويت سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

زرينه سان ڪيس نفرت ٿي ويئي هئي. سندس سادگي ۽ حجاب ڪيس بناوت ۽ فريب نظر اچڻ لڳا، پر زرينه انهن سڀني ڳالهين کان بي خبر هئي، هوءَ يوسف کي چاهيندي هئي ۽ بس. يوسف ڪهڙي باهه ۾ سڙي رهيو هو ڪيس انجي ڪهڙي خبر. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي وچ ۾ پيل ڪاليج جي قانون ۽ معاشري جي نام نهاد اخلاقي حدبندين اهڙو ڪو به وسيلو وٽس رهڻ نه ڏنو هو. جنهن ماحول ۾ يوسف مرد هوندي به پنهنجا جذبات هن تائين نه پهچائي سگهيو هو، اتي هوءَ هڪ ڇوڪري ٿي ڪيئن پنهنجي خودداريءَ کي ڇڏي ها.

امتحان جي اچڻ، سڀني شين کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو.

حميد جي بدلي ڪوئٽا تي ٿي هئي ۽ هو ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس دوست ٿي ويو هو. حميد جي ڪمري ۾ ڊار جو فوٽو ڏسي هنڪان رهيو نه ٿيو. حميد کان پڇڻ تي جڏهن خبر پيس ته حميد ۽ ڊار ٻئي پاڻ ۾ سؤٽ هئا، ته سندس وات مان بي اختيار نڪري ويو.

”ڇا ڊار ۽ سندس ڪلاس فيلو زرينه جي شادي ٿي ويئي؟“

”شادي، ڊار ۽ زرينه جي. تون چريو ته نه ٿيو آهين! ڊار ۽ زرينه جي شادي ڀلا ڪيئن ٿي سگهي ٿي. هوءَ ته سندس ماسي ٿئي، اها ٻي ڳالهه آهي ته هوءَ ڪانئس عمر ۾ ننڍي آهي. ۽ انهن ٻنهين اِها ڳالهه راز ۾ رکي هئي ته هي ماسي ڀاڻيجا آهن. در اصل زرينه کي ڊار جي ماسي سڏائڻ ۾ شرم ٿي محسوس ٿيو.“ حميد هڪ ساهي ڇئي ويو. انهيءَ لمحي يوسف کي پنهنجو مٿو ڦرندو محسوس ٿيو ۽ ٻئي لمحي ڪيس اميد جو هڪ ڪرڻو نظر آيو. هن جلدي پڇيو، ”۽ زرينه؟“ ”سندس شادي ته لاهور ۾ ئي ڊاڪٽر سعيد سان ٿي ويئي آهي،“ حميد وراڻيو، ”پر تون زرينه کي ڪيئن سڃاڻين؟“ ”هوءَ منهنجي به ڪلاس فيلو هئي.“ هن جهيڻي آواز ۾ جواب ڏنو.

اڄ آل پاڪستان تاريخ ڪانفرنس جو افتتاح هو. پنهنجي ڪاليج جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ هو ڇئن سالن کانپوءِ لاهور آيو هو. گاڏيءَ مان لهي هو ٻاهر آيو. الائي ڇو سندس دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته لاهور کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي، جنهن ۾ هو ڪيس پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ ڏسندو رهيو هو. وٽس هڪ ننڍڙي سوٽ ڪيس کانسواءِ ڪو سامان ڪونه هو. هو بس تي چڙهيو. هر شي ڪيس ساڳي نظر آئي، ڪجهه به ته نه بدليو هو. چار سال اڳ واري زندگيءَ جو هر ورق سندس نگاهن جي سامهون هو. الائي ڇو سندس دل ڌڙڪڻ لڳي. ”يونيورسٽي“ ڪنڊيڪٽر آواز ڏنو ۽ هو جلديءَ سان بس جي دروازي وٽ آيو ۽ يونيورسٽي ڏانهن وڌيو. ساڳي يونيورسٽي، ساڳيو نظارو. پر نه هاڻ هو انهيءَ يونيورسٽي جو شاگرد هو ۽ نه ئي زرينه هئي، نه ئي اهو ماحول هو. ڪيس سڀ اُداس ڏسڻ ۾ آيا. هر طرف ڪيس اُداسي ئي اُداسي ڏسڻ ۾ آئي. هنکي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ ڪا شيءَ اندر ئي اندر ڀيڙهجي پيئي. هن هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ يونيورسٽيءَ تي آخري نظر وجهي موٽي ويو.

مريم نوحاڻي

# ڪيڏو ويجهو، ڪيڏو دور

عافيہ کي جنهن وقت، مسز امجد مسڪرائيندي پنهنجي خاص بي تڪلفانہ انداز ۾ چيو، ”عافيہ، اڄ ڪجهہ دوستن کي روزي افطار جي دعوت ڏني اٿم، تون بہ پنهنجي مڙس سميت ضرور شريڪ ٿج.“ ان وقت عافيہ تي ڄڻ تہ ڪا اوچتي آفت اچي پئي، سندس ٻهڪندڙ پيشانيءَ تي هڪدم پريشانيءَ جا گهنج پئجي ويا.

پر مسز امجد جي موجودگيءَ ڪري، هنکي پاڻ سنڀالڻو پيو، لاچار مرڪندي وراڻيائين، ”ها آپا، انشاالله اچبو.“

عافيہ جي وعدي ڪرڻ بعد، مسز امجد تہ مطمئن ٿي رواني ٿي ويئي، پر هوءَ خود عجيب الجهن ۾ پئجي ويئي، ڇو جو طبعاً هنکي اهڙيون دعوتون پسند نہ هونديون هيون، هونئن تہ هوءَ ڪافي رلڻي ملڻي هئي، پر جڏهين ملڻ جو ذريعو مخلوط دعوت(**Mixed Party**) جي صورت ۾ نمودار ٿيندو هو، تڏهين هڪ ئي وقت هنجي ذهن ۾ طرح طرح جا سوالات اڀري هنکي منجهائي ڇڏيندا هئا ـــ الائجي ڪير ڪير هوندو؟ خبر ناهي گهڻا ماڻهو هوندا؟ ضرور مرد بہ شرڪت ڪندا...؟ ڪهڙي قسم جو لباس پائڻ کپي؟ ڪيئن تيار ٿيڻ گهرجي؟ اتي خدا خبر ڪنهن ڪنهن سان ڳالهائڻو پوي....؟

مطلب تہ اهڙي قسم جا هزارين سوال سندس دماغ کي ايترو تہ ٿڪائي ڇڏيندا هئا، جو هوءَ هر دفعي ڪنهن بہ دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ وقت، اهائي بيسود تمنا ڪندي هئي تہ، ’ڪاش! ڪير ڪو، نہ سڏي. آخر تنگ ٿي، سامان آرائش کي سهيڙڻ ۾ مصروف ٿي ويندي هئي، پر خيالن جو هجوم هٿوڙا بڻجي هنجي دل جي دروازن سان ٽڪرائيندو رهندو هو.

هڪ طرف هوءَ اهڙي اضطرابي ڪيفيت سان تيار ٿيندي هئي، تہ ٻئي طرف هنجي مڙس جي ٽڪڙ تہ هنجون متيون ئي منجهائي

چڏيندي هئي "عافيه، تون ڪڏهن وقت تي تيار ڪونه ٿين. آخر ٻيون به ته زالون آهن، سڀ پنهنجن مڙسن سان وقت تي پهچيو وڃن، توسان خبر ناهي ڪهڙي ماجرا آهي، دعوت نه ٿي مصيبت ٿي".

سندس مڙس جا اهي لفظ عافيه جي حساس دل جي نازڪ شيشي تي ائين ڪرندا هئا، جيئن ڪنهن پڙيل مٽ تي مسلسل پٿر ڪري رهيا هجن، ۽ آخر سندس اکين ۾ آب ڀرجي ايندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن ته ائين ڇلڪندو هو، جيئن مٽ سنگباريءَ جي سلسلي بعد شڪسته ٿي پوي ۽ پاڻي ريلا ٿي وهي. پر روئڻ بعد هنجو ذهني بوجهه ائين هلڪو ٿي ويندو هو، جيئن ڪو تيز طوفان پنهنجي تکي هوا سان بادل برسائي ختم ٿي ويو هجي ۽ فضا ۾ ٿڌي هير لڳي رهي هجي. اهڙي حالت ڪانپوءِ جڏهين هوءَ تيار ٿيندي هئي، ته هنجون خوبصورت اکيون، ڳاڙهاڻ سبباں اڳي کان گهڻيون مخمور معلوم ٿينديون هيون، ۽ هنجي چهري تي هڪ مخصوص معصومانه جاذبيت طاري ٿي ويندي هئي، جيڪا قدرت شايد عافيه کي ئي فطري حق طور عطا ڪئي هئي. عافيه کي اِها به چڱيءَ پرچاڻ هئي، ته جڏهين هوءَ محفل ۾ پهچندي هئي، ته حاضرين مان، هرهڪ جو ذهن متوجه ٿي ويندو هو، ۽ فضا معطر ٿي ويندي هئي. سندس واپسيءَ وقت ڪو عافيه جي معصوم حسن جو ماريل، ته ڪو لباس جو قائل، ڪو طبيعت جي تعريف ڪندڙ، ته ڪو انداز- گفتگوءَ جو گهائل، ته ڪو وري سندس پاڪيزگيءَ و تقويٰ جي تعريف ڪندي نظر ايندو هو. جڻ ڪو هڪ دفعو سندس ملاقي ٿيو، ته هميشه لاءِ محتاج ملاقات ٿي ويندو هو.

پر عافيه انهن سڀني ڳالهين کان بي نياز، هڪ سوال تي غور ڪندي موٽندي هئي، ته آئينده هوءَ پنهنجيءَ فطري ڪمزوريءَ تي غالب ايندي، ۽ ڪڏهين به دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ وقت پريشان نه ٿيندي. پر جڏهين به ڪا دعوت ملي ته عافيه جو اهو ئي حال، نيٺ هوءَ هن نتيجي تي پهتي ته پنهنجو نفسياتي تجربو ڪري، پاڻ کي هن اوڻائيءَ کان نجات ڏياري. تعليم جي عرصي دوران نفسيات هنجو

خاص پسنديده مضمون هو، ۽ تعليمي دؤر کانپوءِ به نفسيات سان خاص دلچسپي هئڻ جي ڪري هُن، هِن علم جو مطالعو ڇڏيو نه هو. هنجو مطالعو فقط ڪتابن جي ورق گرداني‌ءَ تائين محدود نه هو، پر هوءَ هنجو عملي استعمال پڻ ڪندي هئي، ۽ هن علم جي بناءَ تي هرهڪ شخصيت جو صحيح جائزو وٺڻ هنجو محبوب شغل هوندو هو. اڪثر جڏهين هنجو جائزو صحيح ثابت ٿيندو هو، تڏهين هنجي خوشي‌ءَ جي ڪا انتها نه رهندي هئي.

سو عافيه جڏهين پنهنجي ذهن اندر پنهنجي مشاهدي ذريعي جهاتي پاتي، تڏهن هن اندروني اک سان ڏٺو ته ڪيس سندس شعور، تحت‌الشعور توڙي لاشعور ۾ ڪٿي به احساس ڪمتري يا احساس برتري جو نالو نشان نظر نه آيو، ڇو جو ٻالپڻي کان وٺي هنجي گردوپيش جو ماحول هنجي طبعي توازن جي برقراريت جو باعث هو. جلدئي، 'خود فهمي‌ءَ' جي هڪ جهلڪ هنجي منجهيل من کي مت ڏني، ته هوءَ پاڻ هڪ نهايت باريڪ بين نقاد آهي، جڏهين پاڻ بين جو ايتريقدر غور ۽ فڪر سان مشاهدو ڪري ٿي، تڏهين ڪيس به اهو احساس ٿئي ٿو ته پيا متان سندس متعلق ڪا راءِ قائم ڪن.

پر بيگم امجد جي دعوت ته هن لاءِ دستور کان به زياده تڪليف جو سبب هئي. ڇو جو رمضان جو مهينو عافيه پنهنجي گهر ۾ ئي گذاريندي هئي، ۽ افطار کانپوءِ سانجهي‌ءَ نماز جي 'فرضي سجدي'، ۾ پنهنجي دل جي سڪون کي تلاش ڪندي هئي.... سڪون.... آه....! اهائي هڪ نعمت، جيڪا بين سيني نعمتن عطا ڪرڻ جي باوجود 'نبض شناس خالق' انسان کي عطا نه ڪئي انهي‌ءَ لاءِ ته سڪون جي آرزو ئي، هن عقل تي اعتماد ڪندڙ انسان کي پنهنجي اصليت کان آگاه ڪندي.... سڪون جي تلاش ئي هن سرڪش ۽ باغي‌ءَ کي ٻيوس بنائي منهنجي آڏو آڻي بيهاريندي.... سڪون جي تمنا ئي، هنکي مصلحين ۽ راهبرين جي راه - تهذيب تي ڇڏيل نقوش پا تي پيشاني جهڪائڻ مجبور تي ڪندي ۽ نيٺ هو بي اختيار ٿي ڪنڌ جهڪائيندو، جتي سندس ساه جتي صدا ــــ

انا الله وانا اليہ راجعون جو آواز بنجي، قادر مطلق جي جو د و ڪرم کي جنبش ۾ آڻي، هنڪي اجر عبادت، بصورت سڪون ڏياريندي.
عافيہ اڪثر سجدي ۾ سڪون جي نعمت سان نوازبي هئي، ۽ اهڙي ڪيف سرور سان سرمشار ٿيندي هئي، جنهن ،جنت، کي هوءَ ڪنهن بہ قيمت تي ڪهڙي بہ جشن .خاطر قربان ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي.
دعوت .... مخلوط دعوت زالين مڙسين گڏ .... بيگم امجد جو اصرار.... عبادت جو احساس، سڀيئي خيال هن لاءِ ذهني آزمائش بنجي چڪا هئا. جيڪڏهن بيگم امجد ويندي ويندي هنکي اها لالچ نہ ڏئي وڃي ها تہ: تنهنجي ڪري بيگم عزيز کي بہ سڏايو اٿم، تہ هوءَ سڏ ٺاري بہ ڇڏي ها. پر بيگم عزيز هنکي ڏيءَ ڪري سڏيو هو. جنهن سان ملاقات هن لاءِ مامتا جو هلڪو عڪس هئي، جا هن خلوص جي ماريل واسطي هن جهان جي جنت ٿي تہ هئي، تنهن هوندي بہ سانجهيءَ جي نماز هن پنهنجي گهر ۾ ئي پڙهي، تنهن ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي مڙس سان بيگم امجد جي بنگلي ڏانهن رواني ٿي ويئي.
رستي ۾ سندس مڙس جي خاموشي هنجي تاخير تي تنبيهہ هئي، هنکي خود بہ رکي رکي ندامت پي ٿي، ائين پي محسوس ڪيائين، ڄڻ هرڪو محفل ۾ موجود مهمان، دير سبب، هن ڏانهن شاڪي نظرن سان نهاري رهيو آهي. پر آتي پهچڻ تي خبر پين، تہ پاڻ آخري مهمان نہ هئا، اڃا فقط ڪجهہ مهمانن جو اجتماع هو، باقي هرهڪ وقت جي پابنديءَ کان بيخبر، پنهنجي پنهنجي سهوليت مطابق پهچي رهيو هو. هن هڪدم فاتحانہ انداز سان ڪلندي، پنهنجي مڙس ڏانهن نهاريو، جنهنجي گهري نظر هنجي نگاهن کي چيري هنجي دل ۾ پيوست ٿي ويئي، جنهنکي هن پنهنجي لاءِ شڪست سمجهو، ڇو جو اها نظر نہ هئي، پر تهذيب جي تباه حاليءَ تي ماتم ڪرڻ لاءِ اشارو هئي. هوءَ هڪ پيرو وري سوچ جي اٿاه سمنڊ ۾ غرق ٿي ويئي. آهائي سوچ، جنهنکي عام ماڻهو هنجو غرور سمجهندا هئا. هوءَ سوچي رهي هئي.... محفل ۽ مهمانن کان دور خيالات جي دنيا ۾ پهچي چڪي هئي.... اسلام ۽ وقت جي پابندي.... ڪيتريقدر

نہ هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. اسلام جو هڪ هڪ رڪن وقت جي پابنديءَ جو مڪمل درس آهي. اسلامي تهذيب جي زوال جي باوجود اذان اڄ بہ وقت تي بلند ٿئي ٿي، نماز اڄ بہ وقت تي ٿئي ٿي، سحري ۽ افطاري اڄ بہ وقت مطابق ٿئي ٿي، پر هي مغرب جي انڌي تقليد ڪرڻ جي نشي ۾ چُور مشرقي انسان اهڙا تہ بيحس بڻجي چڪا آهن، جو نہ مڃن دين. فطرت جون دنياوي بهبود لاءِ آيتون آشڪار آهن ۽ نہ ئي وري هي مغرب جا چڱا اصول اختيار ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ڪاش! ماضيءَ جي عظمت جو احساس هنن جي سُتل ذهنن کي ڇهنڊڙي بڻجي بيدار ڪري، يا موجوده زماني جي تيز رفتاري سُوئي بڻجي هنن کي سجاڳ ڪري.

عافيہ جي خيالات جو طويل سلسلو ڪڏهين بہ نہ ٽٽي ها، جيڪڏهين ”اسلام عليڪم“ جو اوچتو آواز هنکي هڪ نؤآمد مهمان کان باخبر نہ ڪري ها. هوءَ پنهنجي عادت کان مجبور، آيل بيگم صاحبہ جي ڀڙڪيل پوشاڪ ۽ سينگار جي جائزي وٺڻ ۾ محو ٿي وئي.

عافيہ تہ خير عادت ڪري هنجي شخصيت جي تجزيي ڪرڻ تي مجبور هئي، پر هوئين بہ معاشري جي هر عورت هر محفل ۾ هن بيگم صاحبہ جي لباس کي هڪ نظر ڏسي چپن ۾ مُشڪي، معنيٰ خيز نموني ۾ اکيون کڻي هيٺ ڪندي هئي. ڇو جو هوءَ بيگم صاحبہ عمر رسيده هئڻ سان گڏو گڏ، بيوه بہ هئي، پر هنجو شوخ لباس هميشه سترهن سالن جي دوشيزه جي لباس جهڙو هوندو هو. بيگم صاحبہ جي پيرسن ۽ امير مڙس پنهنجي جيئري ئي سڄي عمر انهيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو، تہ جيئن بيقدر متاع- حيات ٿي سگهي، سو پنهنجي محبوب شريڪ- حيات کي ميسر ڪري ڏئي، هن غريب شايد پنهنجي پيريءَ سبب اڳوات ئي سمجهيو هو، تہ متان سندس مري وڃڻ بعد سندس شوقين زال کي عمده لباسي جي حسرت نہ رهجي وڃي، سو هنکي جيترو عيش ٿي سگهي ڪرائي وڃان، جيئن معاشري جا قيد ۽ بند هن لاءِ بوجهہ نہ بڻجن. عافيہ کي هنجي آرائش ۽ زيبائش تي ڪوبہ اعتراض ڪونہ هو، هوءَ تہ اهڙن معاملن ۾ تمام وسيع النظر هئي، ڪڏهن بہ تنگ نظريءَ کان ڪم نہ وٺندي هئي ۽ اها هڪ

ڪائي پوندي آهي....؟ پر پوءِ هن سمجهيو، ته اِها عورت نه آهي، هيءَ ته فقط هڪ انسان جو پتڪيل پاڇولو آهي، جو ڪڏهين به پنهنجي اصلي قد و قامت نه ٿو حاصل ڪري سگهي. انهيءَ خيال سان گڏ هنجي دماغ ۾ بيگم عزيز جي شخصيت اُڀري، جنهن سان ملڻ لاءِ هوءَ هتي آئي هئي.... جيڪا هنجي خيال ۾ صحيح خاتون جو مڪمل نمونو هئي. جا اڃا تائين محفل ۾ نه آئي هئي، جيتوڻيڪ مهمان ٿوري ٿوري دير کانپوءِ آيا پئي. ڪي بيگم امجد جي هٿ سان تيار ڪيل طعامن جي تعريف جا ڏِڪ پريندا روانا ٿيا. بيگم امجد پنهنجي خوش خلقي ۽ مهمان نوازيءَ ڪري معاشري ۾ ڪافي مقبول هئي. اخلاقي خوبين کانسواءِ منجهس گهر گهرهستي ۽ سٺا طعام موجود ڪرڻ جون سڀ خوبيون موجود هيون، ان ڏينهن ته بيگم امجد پنهنجين سيني وصفن جو پورو پورو اظهار ڪيو هو. باقي رهيل مَهمان تبادلهءِ خيالات خاطر اچي ڊرائينگ روم ۾ جمع ٿيا. مهمان هڪ ٻئي سان مصروف ـ ڪلام هئا.... عافيه کي اڃا به بيگم عزيز جي آمد جي آس هئي. هنجي دل چئي رهي هئي ته سندس آس، نراس ۾ نه تبديل ٿيندي، ڇو جو جيترو هنکي بيگم عزيز سان ملڻ جو اشتياق هو، اوترو ئي بيگم عزيز به هُن سان ملڻ لاءِ مشتاق هوندي. اوچتو، بيگم امجد جي پاليل ڪتي 'اسڪاٽ' جي ڀونڪ جو آواز گونجيو. بيگم امجد وٽ ٻه ننڍا خوبصورت سفيد پاليل ڪتا هئا، جي 'اسڪاٽ' ۽ 'بيوٽي' جي نالي سان سڏبا هئا.

اسڪاٽ ۽ بيوٽيءَ جو جوڙو هميشه بنگلي جي دروازي تي درباني ڪندو ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ آيل مهمانن جو پيڇ لوڏي استقبال ڪندو هو. ڇو جو انسان جي هن ازلي دوست، جنهن لاءِ مشهور آهي ته بت- آدم جي بچيل مٽيءَ مان بڻايو ويو آهي ۽ انهيءَ ڪري وفادار آهي. هنکي قدرت هڪ عجيب و غريب حس سان نوازيو آهي، جيڪو انسان لاءِ عبرت جو سبق آهي. هنکي ڀرائي پنهنجي، دوست ۽ دشمن جي امتياز جي پوري پرک آهي. هنجي دوستيءَ جي نشاني پيڇ لوڏڻ ۽ دشمنيءَ جي نشاني ڏاڙهڻ آهي. بيگم امجد وٽ ايندڙ

بيگم عزيز پاسيرو وٺي وچي ڇيو هو ته: "عافيه، عابد کي ته پرڻائي موڪليان پئي، پر تون عابده جي ساهڙي آهين ته منهنجي به ڌي آهين، مونکي وساري نه ڇڏج؟" ائين چئي بيگم عزيز مامتا کان مجبور ٿي اچي آوچنگارن ۾ پئي هئي. عافيه تمام پيار سان ورائيو هو ته، "امي توهين ته ايڏا مضبوط دل آهيو، جو دنيا جي ڪنهن به سختي جي ڪابه پرواه ڪونه ڪندا آهيو، پوءِ اڄ ڇو هيئن روئي رهيا آهيو___؟ دعا ڪريو ته عابد جتي رهي آتي خوش رهي، ڀلا جي توهانکي عابده جي جدائي ايترو پريشان ٿي ڪري، ته ڪٿي ادا زاهد کي ڇئو نه توهان سان گڏ ٿي رهي."

بيگم عزيز جا سڏڪا هڪدم بيهي ويا ۽ نهايت ئي باوقار لهجي ۾ چوڻ لڳي: "عافيه، تو کي منهنجي طبيعت جي خبر به آهي، تون به ٿي ائين چئين___؟ انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته عابده جو مونکان ڌار ٿيڻ ائين آهي، جيئن ته ڪو روح جسم کان جدا ٿي رهيو آهي. پر مان عابده جي دشمن ڪونه آهيان جو پنهنجيءَ محبت کان مجبور ٿي ڪيس پاڻ سان گڏ رهايان...."

"پر امي، انهي ۾ دشمنيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟" عافيه بيگم عزيز کي وچم ئي ٽوڪيو هو.

"پٽ، تون نٿي ڄاڻين - جيڪڏهن ڪوبه ڪم قدرت جي قانون جي خلاف ڪبو، ته پوءِ سواءِ نقصان جي ٻيو ڪي ڪين هٿ حاصل ٿيندو. اهو جيڪو اسانجو دستور آهي ته ڌيءُ پرڻجي پرائي ٿئي، تنهن ۾ وڏي مصلحت رکيل آهي. زندگيءَ جو معاملو آهي، انهيءَ ۾ بيتابي ۽ عجلت چڱي ڪينهي.

"امي، مونکي خبر آهي، انهيءَ ڪري ئي ڙالون الله کان پٽ ڀنديون آهن، جو پٽ پرڻجي ڪنوار گهر وٺي ايندو، پر ڌي پرڻجي پرائي ٿي ويندي."

"ا.ان عافيه، ڌيءُ پرڻائي پاڻوٽ وهارڻ سان ٻنهي ڌرين لاءِ نقصانڪار آهي- ڪڏهين نائي ائين سمجهندو آهي ته هُن ساهرن ۾ رهي ساهرن تي وڏو ٿورو ڪيو آهي، سندس ڪابه ذميداري ڪانهي، چوڪريءَ جا مائٽ پاڻهي پيا پرگهور لهندس ۽ اڪثر

ڪتن پالڻ جي شرعي ممانيت وارو اعتراض ڪندا هئا ته هو هنن کي ڪڏهين اصحاب۔ ڪيف واري ڪتي جو قصو ٻڌائي مات ڪرائي ڇڏيندو هو، ته ڪڏهين وري نوح عليہ اسلام جي ڳالهہ ڪري خاموش ڪرائيندو هو، ته مٿس نوح نالو ئي انهيءَ ڪري پيو، جو هن هڪ بيچڙي خارش زده بيمار ڪتي کان نفرت جو خيال دل ۾ آندو. الله تعاليٰ ڪتي کي ڳالهائڻ جي سگهہ ڏيئي کيس ٻڌايو ته: اهو ڪتي کان نفرت ڪرڻ نہ آهي، پر ڪتي جي خلقيندڙ تان ڪيلڻ آهي. انهن لفظن خضرت نوح تي ايتري قدر ته اثر ڪيو، جو ايترو ته رنا جو مٿن نالو ئي 'نوح' يعني 'گريہ ڪندڙ' پئجي ويو.

ٻاراٽي وهيءَ جي انهن ڳالهين جي ڪري، ڌاميءَ جو غير معمولي حِس، عافيہ لاءِ بلڪل حيران ڪن نہ هو. انهن ئي خيالن دوران هن هڪ مهمان کي چوندي ٻڌو جو بيگم عزيز کي چئي رهيو هو.

”آخر ڌامي اسڪات کان ايڏو ڊچي ڇو ٿو؟“

”ڊچي ڪونہ ٿو، شرم ٿو اچيس.“ بيگم عزيز وراڻيو.

”سو وري ڇو-؟“ سڀني يڪ آواز وراڻيو.

هاڻي بيگم عزيز اها روئداد بيان ڪري رهي هئي، جيڪا سڀني جي دلچسپيءَ ۽ تعجب جو سبب هئي.

”جڏهين عابده جي شادي ڪانپور مون قلعي واري جاءِ ڇڏي، ۽ اچي هيءَ ڪئنٽونمنٽ وارو گهر وسايو آهي، تڏهين کان منهنجي 'عزيز خاندان' سان ڏيٺ ويٺ ٿي، جنهن هڪ دائمي دوستيءَ جو رنگ اختيار ڪيو. ڌاميءَ بہ جو ڏٺو تہ منهنجي مالڪياڻي جي بيگم امجد وٽ گهٽي اچ وڃ آهي، تنهن وري ناتو نبهائڻ خاطر اسڪات سان دوستي ڳنڍي، روزانا اسڪات ۽ بيوٽيءَ سان شام جو گهمڻ نڪرندو هو، تان جو سندس سنگت تمام پڪي ٿي ويئي. اسڪات ۽ بيوٽيءَ جو جوڙو ڏسي هن کان اڪيلائي گواره ڪا نہ ٿي ۽ هن کي بہ خواهش ٿي تہ هنجي بہ ساٿڻ هجي، سو ڪجھہ ڏينهن ڪانپور اچڪلهہ جي نوجوانن وانگر گهٽيون گهمي، پنهنجي ئي نسل جي هڪ ڪاري ڪتي کي 'ڏتاري ونئي آيو. مون بہ سندس جذبات جو خيال ڪري

ڪتڙيءَ کي ننهن سمجهيو ۽ ذالو رکيومانس 'بلئڪي.' ۽ سندس ڪاڏي پيتي جو خيال رکڻ لڳس."

"ڇڻ توهان هڪ سٺي سس جا فرائض سر انجام ڏيئي رهيا هئا؟" مسز قريشيءَ چيو.

"بيشڪ، بيشڪ، جي هرڪا سس رڳو هي سمجهي ته ننهن ته پٽ پويان ٿي اچي ۽ جي پٽ سان پيار اٿم ۽ پٽ جي پياري شيءِ کي ڇو ننديان، ته اسانجي معاشري جا گهڻا گهر بربادي‌ءَ کان بچي وڃن." بيگم عزيز هڪ نئون نڪتو سمجهايو.

۽ مهمان جيڪي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ بيتاب هئا ڪيس ور ور ڏئي ٽاميءَ جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ چئي رهيا هئا، سو بيگم عزيز سلسلهءِ ڪلام جاري رکندي چيو: "ٽاميءَ کي به آيو ريچڪ ته جيڪا سوپ ڪٽي اٿم، سا اسڪاٽ ۽ بيوٽيءَ کي ڏيڪاريان، سو بلئڪيءَ کي وٺي وڃي اسڪاٽ ۽ بيوٽيءَ سان ملاراياڻين. پوءِ ته ٻئي جوڙا گڏ پيا گهمندا هئا. ٿورائي ڏينهن ڪين گذريا ته اسڪاٽ ڪارڙيءَ بلئڪيءَ ۾ اک وڌي".

"هي ته بالڪل اسانجي تباه شده، مغرب‌زده معاشري جي صحيح عڪاسي آهي، مرد جي ته فطرت ٿيندي آهي جو پنهنجي سهڻي موچاري زال هوندي، پرائي زال پسند ايندي اٿن." ڊاڪٽر جميلا ڪلندي چيو.

"پر پوءِ پنهنجي زال کي ملائيندا ڇو آهن پرائي مرد سان؟ ڪڏهين ڪيهه به باهه کان بچي سگهي آهي؟" ويٺل مهمانن مان هڪ عورت مردن کي وڏيڪ ڏوهاري ثابت ڪندي چيو.

پريان ويٺل مردن کان ڪٿي ٿي اها ڳالهه برداشت ٿي سگهي. انهن مان هڪ چيو، "انهيءَ ۾ مردن جو ڪهڙو ڏوهه، زالن کي ته پنهنجو خيال رکڻ کپي، پنهنجي عزت پنهنجي هٿ هوندي آهي، انهيءَ کي ڇو در در نيلام ڪجي."

بيگم عزيز بحث کي وڌندو ڏسي ڳالهه جو رخ هڪ وار وري بلئڪي ڏانهن ڦيري ڇڏيو، ۽ چوڻ لڳي، "بلئڪيءَ به ته ائين ڪيو، جو اسڪاٽ جو اڇڙو رنگ ڏسي پنهنجي ٽاميءَ کي وساري اسڪاٽ سان گهري پوڻ لڳي."

”ڪي زالون ٻه ته ائين ڪنديون آهن، پاڻ ساديون سوديون شڪل جون پر جي مڙس سادو هوندو ته ڪنهن گوري جي گولا شروع ڪري ڏينديون.“ مسز ڪريم چيو.

”خير پنجئي آڱريون برابر ڪونهن.“ بيگم امجد انهي معاشرتي بحث کي ختم ڪرڻ خاطر چيو.

بيگم عزيز سندس مقصد کي تاڙي ويئي، تنهن وري قصو بيان ڪرڻ شروع ڪيو، چوڻ لڳي، ”ثاميءَ ڪجهه ڏينهن ته برداشت ۽ ذت ذناءَ کان ڪم ورتو، جڻ پنهنجي دل کي پئي سمجهايائين ته ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، ته سندس نسل جي ساٿڻ، پنهنجي کي ڇڏي ڪنهن ڌارئين ڏانهن ڌيان ڏي؟ يا ڪو دوست ائين ڪيئن ڪندو جو پنهنجي دوست کي ڌوڪو ڏي، پر جڏهين ڏنائين ته ڳالهه ٿي هٿان وڃي، تڏهين هڪ ڏينهن شاهراه تي ثامي اسڪاٽ کي جنبي ويو، هٽي رتورت ڪري ڇڏيائينس، ماڻهو ته ڪين هو جو ٻڇي-اڪي- چپي پيو زال کي سمجهائي.“

”فيشن وارا ٿا ائين ڪن، باقي ٻهراڙيءَ وارا هٽيو ڌڪ ڪاريءَ ۽ گبي کي ختم ڪريو ڇڏين، پوءِ وٺن جيل جا در ڏسندا.“ مسز رضويءَ ڳالهه ۾ دلچسپي وٺندي چيو.

پر بيگم عزيز پنهنجو بيان جاري رکيو، چوڻ لڳي: ”ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بيوٽي ثاميءَ جو ساٿ ڇڏي ائين غائب ٿي ويئي، جيئن ٻاهران گهلي آندل زالون ناهه نه هئڻ سببان گهر ڇڏي هليون وينديون آهن، بلئڪيءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ ثامي به راضي به رضا ٿي ويو، اهو سمجهي ته بلئڪيءَ کي در در ڌڪا کائڻ جي عادت هئي، انهيءَ ۾ سندس دوست اسڪاٽ جو ڪو قصور ڪونهي. هڪ دفعو وري ثامي ۽ اسڪاٽ جي دوستي وڌي وئي. هاڻي بيوٽي ٻنهي جي درميان ائين هلندي هئي، جيئن جديد معاشري جي ڪا زال ڪلب ۾ پنهنجي مڙس ۽ سندس دوست جي درميان اوچي ڳاٽ، آڪڙجي هلندي هجي.

”ذيت انهيءَ قربت مان جيڪو نقصان رسڻو هو، سو رسيو. ثاميءَ ۽ بيوٽيءَ جي گهرائپ وڌي ويئي. ثامي به ته آخر ڪاري نسل جو ڪتو هو، ڪني ٿي وساري سگهيو ته اسڪاٽ ڪنهن مهل

تنهن تي بيگم امجد ۽ بيگم عزيز پنهي چيو، ”سدائين بيوٽيءَ کي پردو ڪرائيندو آهي. هن دفعي الائي ڪيئن بيوٽي وجهه وٺي نڪري آئي.“

بيگم امجد چوڻ لڳي، ”اسڪات جو ته نمونو اهڙو آهي، جو ائين ٿو پاڻڇي ته هي جانور اڳئين جنم ۾ ڪو سمجهه وارو ماڻهو هو.“

تنهن تي عافيه چيو، ”آيا، جانورن کي به الله تعاليٰ مخصوص حِس ڏنو آهي، جنهن مطابق هو پنهنجو وقت گذارين ٿا. هنن جي پنهنجي دنيا آهي، پنهنجو معاشرو آهي، پنهنجو طور طريقو آهي، باقي اسانتي اهي حقيقتون تڏهين ٿيون عيان ٿين، جڏهين اسان انهن تي خاص غور ٿا ڪريون.“

انهن ڳالهين دوران عافيه جو مڙس به اندران ٻاهر اچي پهتو هو، جنهنکي ڏسي بيگم عزيز چوڻ لڳي، ”پنهنجيون ته ڳالهيون ڪٿڙ جون ڪين آهن، چڱو هاڻي خداحافظ، وري ڪنهن ٻئي دفعي ملاقات ٿيندي.“

عافيه به ”انشاالله“ چوندي موڪلايو ۽ بيگم امجد جو شڪريو ادا ڪندي پنهنجي مڙس سان ڪار ڏي وڌي.

ڪار ۾ حسب دستور سنجيدگيءَ سان انهيءَ عجيب وغريب واقعي متعلق سوچيندي رهي.

---

## گذارش

— ماهوار سهڻيءَ جي خريدارن کي گذارش آهي، ته جيڪڏهن هو پنهنجي ايڊريس بدلائين يا جيڪي خريدار نوڪرين ۾ آهن، ۽ انهن جي بدلي ٿئي ته مهرباني ڪري اسانکي نئين ايڊريس لکي موڪلين. ٻي صورت ۾ اسين پهرين ڏنل ايڊريس تي پرچو موڪلڻ لاءِ مجبور آهيون.

— ادارو

شبير تُرابي

# پلئہ پاڻي مٿان

مان پنهنجي خالي جهوليءَ ڏانهن ڏسندي رهيس، اکين مان ڳوڙها ڳڙندا رهيا، رشيد پنهنجي هٿن ۾ منهنجا هٿ جهلي ويٺو رهيو ۽ پاڻ به روئندو رهيو. مونکي اکين اڳيان اونده نظر اچي رهي هئي. رشيد کي روئندي ڏسي مان ضبط ڪري نه سگهيس، مان اوچتڪار ڏيئي داڻهن ڪئي، ”هاءِ رشيد، منهنجا ٻئي ٻار مري ويا. هاءِ هاءِ منهنجي دنيا تباه ٿي ويئي.“ مان مسلسل روئندي رهيس، مونکان وسري ويو ته مان ڪا پڙهيل عورت آهيان ۽ پنهنجي گهر ۾ نه پر اسپتال ۾ آهيان. مان فقط هڪ عورت هيس ۽ پار ڪڍڻ شروع ڪيم. چيم: منهنجي سس مونسان ظلم ڪيو. رشيد، تنهنجي ماءُ مونسان ناحق ڪيو. انهيءَ جي چوڻ تي آپريشن ڪرايم ۽ ٻئي ٻچڙا به وڃائي ويٺس.“

مونکي هينئر وڏيڪ خبر نه آهي ته ان وقت مون ڇاڇا چيو ۽ ڇاڇا نه چيو. مان ان وقت فقط هڪ ماءُ هيس جنهنجي اکين جا تارا اُجهامي چڪا هئا ۽ جنهنجي زندگيءَ جي روشني ختم ٿي چڪي هئي. جنهنکي دنيا ۾ اونداه کان سواءِ ڪجهه به نظر نه اچي رهيو. مان زارو زار روئندي رهيس.

اسپتال جي ڪمري ۾ نرسون اچي جمع ٿيون، مونکي صبر جي تلقين ڪرڻ لڳيون، پر اها ماءُ جنهنجي جهولي بلڪل خالي ٿي چڪي هجي، تنهنکي صبر ڪيئن اچي، منهنجين داڻهن تي ڊاڪٽر به آيو، جنهنجي اشاري تي نرسون مونکي جهلي بيٺيون ۽ هن مونکي انجيڪشن هنئي ۽ مان بي‌خبر ٿي ويس.

مان هوش ۾ آيس، پيو ڏينهن اُپري چڪو هو، منجهند ٿي رهي هئي. مونکي ياد آيو ته مان اسپتال ۾ هيس. اڳئين ڏينهن جي واردات ذهني طور منهنجي اکين اڳيان گذرڻ لڳي. ڪيئن سعيد

ننڍڙو ٻار هو ۽ اسانوٽ چند ڏينهن لاءِ مهمان. مان کيس پيار ڪندي هيس ۽ کيس پنهنجي هٿن سان کارائيندي پياريندي هيس. هن مونکي ٻڌايو ته ماڻس کيس 'اختر' ڪري سڏيندي هئي، مان به کيس اختر ئي ڪوٺڻ لڳس، رشيد به اختر ۾ دلچسپي وٺندو رهيو. آپريشن کان اڳ اسانجي ڪاڌ خوراڪ جو سلسلو منهنجي سس کان جدا هو ۽ مان ئي پنهنجو ڪاڌو تيار ڪندي هيس، اسپتال کان واپسي بعد مونکي ڪو هوش نه هو جو ڪجهه ڪاڌ خوراڪ جو خيال رکان، انهيءَ ڪري ڪاڌو بيگم صاحبه جي ڪِچن مان ايندو رهيو، منهنجي فقط اهائي مشغولي رهي ته ڏينهن جو اختر جي سنڀال ۽ پرورش ڪريان ۽ رات . ننڊ نيڻن کان موڪلائي چڪي هئي ۽ آرام حرام ٿي چڪو هو. رات بستري تي پاسا ورائڻ ۽ اوجاڳي ۾ گذرڻ لڳي. دنيا ۾ جيڪا ڪجهه دلچسپي رهي هئي، سا اختر ۾ سموئي رهي هئي، پر آخرڪار ڪيسين تائين؟

ستين ڏينهن بنگلي ۾ هڪ حسين عورت آئي ۽ رشيد تعارف ڪري ٻڌايو ته هوءَ بيگم نسيم انور هئي ۽ سهل اختر کي وٺڻ آئي هئي، هوءَ بيحد خوبصورت هئي ۽ نهايت شوخ ۽ چست لباس پاتل هيس، اختر آيو ۽ ڊوڙي "ممي ممي" ڪري کيس چنبڙي پيو ۽ هن کيس پيار مان پاڪر پاتو. مون دل تي ضبط ڪيو، ڏسندي رهيس. اکين کي روڪي ڇڏيم، درد دل کي نپوڙي رهيو هو، پر ڳوڙها پي ڇڏيم. دنيا ۾ جيڪا رهي کهي آس هئي، سا نراس ۾ بدلجي رهي هئي، نسيم انور اسانکي پنهنجي ايڊريس ڏني ۽ وري ملڻ جو واعدو ڪري اختر کي وٺي ويئي.

هاڻي منهنجي لاءِ ڇا رهيو؟ بنگلو کائڻ پي آيو، مونکان کائڻ پيئڻ اڳيئي وسريل هو، هاڻي تڙپڻ جي به فرصت ملي ويئي هئي. ڏينهن ۽ رات بيتابي ۽ بيقراري، نه ڪم آجهي نه ڪار. هونئن ته رات بستري تي پاسا ورائڻ ۾ گذرندي هئي ۽ هاڻي ته بسترو به باه مثل لڳندو هو. ساري رات بنگلي ۾ پيئي ڦرندي هيس ۽ چڙندي هيس، "يا خدا هي ڇا ٿي ويو. تو هي مون سان ڪهڙو قهر ڪيو. ڇا هن ظالم لاءِ دنيا ۾ مان ئي هڪ عورت هيس، ڇا دنيا ۾ ٻيون عورتون

”نه ڪڏهن دير سان ايندي آهي ۽ ڪڏهن سويل ئي موٽي ايندي آهي.“

”هوءَ ڪنهن سان گهمڻ ويندي آهي؟“

نوڪر ڪو جواب نه ڏنو، چپ چاپ هيٺ ڏسندو رهيو. شايد اهو ٻڌائڻ هن مناسب نه سمجهيو. منهنجي ماتا تڙپي اٿي. هاءِ، هيڏڙو نديو ٻار ۽ تنها نوڪر سان گڏ! هيڏي عمر ۾ هيءَ مغمومي ۽ محرومي، سندس ڇهري تي ڪا خوشيءَ جي لهر ڪانه هئي. فقط رکي رکي ڪنڙي ڪي پيار پئي ڪيائين. مان سمجهي ويس ته هو خاموش ڇو ٿو رهندو هو ۽ سندس طبع مان مايوسي ڇو ٽِٻڪي رهي هئي.

مون خيال ڪيو ته ڪچن ۾ وڃي اختر جي لاءِ ڪجهه ناهي ڪيس ڪارائي پوءِ وڃان. ڪچن ۾ ويس، ڪجهه به کائڻ پيئڻ لاءِ سيڙتو وغيره نه هو. فقط شراب جون خالي بوتلون بي ترتيبيءَ سان پکڙيل هيون. مان ٻاهر ڪمري ۾ آيس ته ٻاهريون در کليو ۽ نسيم انور اندر آئي. مونکي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويئي. مون کيس ٻڌايو ته: مان ٽپهريءَ جو آئي هيس ۽ کيس چيم ته: هينئر ڏهه وڃي رهيا آهن ۽ اهو مناسب نه آهي ته نندي ٻار کي اڪيلو ڇڏي ايتري دير تائين ٻاهر رهي.

هوءَ شراب ۾ بدمست هئي ۽ شراب جي ٻوءِ جون لهرون ساري گهر ۾ پکڙجي رهيون هيون. ڳالهائڻ ۾ سندس زبان اٽڪي رهي هئي. مونکي چيائين، ”روز ٿوروئي دير سان ايندي آهيان. اڄ ضروري ڪم هو جنهنڪري ڪجهه دير ٿي ويئي.“ پوءِ مان کانئس موڪلائي، اختر جي کيس پارت ڪري گهر واپس آيس.

ٻئي ڏينهن مان اختر لاءِ بازار مان هڪ ڪيڪ ۽ ٻيون شيون وٺي ويس. هُو وري به پاڻوهه سان مليو. مون کيس ڪاريو پياريو، پيار ڪيو. ڪافي دير تائين وٽس ويٺس ۽ نسيم جي موٽي اچڻ کان اڳي واپس هلي آيس. هاڻي منهنجو اهو نيم ٿي ويو، جو روزانو ٽپهريءَ جو اختر سان ملندي هيس ۽ کيس ڪارائي پياري، پيار ڪري ماتا کي تسڪين ڏيندي هيس. ورنه منهنجي دنيا ته لٽجي چڪي هئي.

مدد علي سنڌي

# ويا گذري ڏينهڙا

مان ڳوٺ اٽڪل ويهن سالن کانپوءِ ويو هوس. ورهاڱي کانپوءِ ڳوٺ جي آبادي گهٽجي وڃڻ ۽ ڪاروبار ختم ٿيڻ ڪري اسان وڃي شهر ۾ وينا هئاسين. عرصو گذري ويو هو پر ڳوٺ وڃڻ نه ٿيو هو. ڪجهه عرصي کان ڳوٺ جي ياد ستائي رهي هئي، ان ارادي سان وري ڳوٺ ڏسڻ لاءِ ويس.

ڳوٺ گهٽي پاڳي ختم ٿي ويو هو. اٽڪل چاليهه کن گهر ان ڳوٺ کي اڃا به آباد ڪيو وينا هئا. ڳوٺ جي گهٽين مان لنگهندي، جڏهن آءٌ فقير نارو مل جي اوتاري وٽان اچي لنگهيس، ته مونکي بي اختيار فقير نارو مل ياد اچي ويو. فقير نارو مل سدائين گيڙو ڪپڙا پايو هن اوتاري ۾ ويٺو هوندو هو، سندس اوتارو گهڻو ڪري ماڻهن سان ڀريو پيو هوندو هو. فقير راڳ ڳائڻ جو ته ماهر هوندو هو ، سندس اوتاري مان سدائين يڪتاري ۽ ڪرتال جو آواز پيو ايندو هو. جتي ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو هوندو هو، اتي خاموشي ۽ ويراني ڏسي دل ڀرجي آئي. جايون ته ساڳيون هيون، پر اهي ساڳيا انسان، جيڪي اِهي محفلون آباد ڪيو وينا هئا، سي نه هئا. جنهن هنڌان سدائين فقير جو درد ڀريو آواز پيو ايندو هو، اتي اڄ سُڄ- واڪا ڪري رهي هئي. اوتارو پوين پساهن ۾ هو، پر اهو وڻ ۽ قبر ساڳي حالت ۾ هئا، جتي فقير اونهاري ۾ ويهندو هو. فقير جي اوتاري کان ٿورو اسانجي جاءِ ۽ اوطاق هوندي هئي. اها جاءِ ۽ اوطاق به زبون حالت ۾ هئي. مون سوچيو ته: ڇا هي ساڳيا هنڌ آهن، جتي ڪڏهن رونق هوندي هئي؟ ڇا هي ساڳيون جايون آهن، جتي مٺڙا انسان رهندا هئا. جن جون مٺيون ڳالهيون ٻڌي دل پئي خوش ٿيندي هئي. اڄ اهي ماڻهو ڪيڏانهن ويا هليا؟ اهي محفلون اڄ ڇو خاموش آهن؟ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مونکي شاه جو شعر

ئي ويندو.

خير انديش

ايڊيٽر

جناب ايڊيٽر صاحب

آءٌ سمجهي ويو آهيان ته اوهان دراصل ملڪ جي ليکڪ نمبر ٽئين جو امتحان وٺي رهيا آهيو (پهريون نمبر ليکڪ منهنجو دوست آهي ۽ ٻيون نمبر آءٌ توهانکي ٿو ڏيان) مهرباني ڪري آڪائي جلدازجلد شايع ڪري دل ۽ دماغ کي سرور پهچايو. آنڌ مانڌ ۾ بدن ٻري رهيو آهي.

شڪر گذار، تابعدار وغيره

آوارهه صحرائي

جناب آوارهه صحرائي صاحب

اسين اهو چوڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون ته اوهانجي ڪهاڻي، ڪهاڻي ناهي الاهي ڇا آهي. پلاٽ ۽ مرڪزي خيال ته نهيو، پر گرامر ۽ صورتخطيءَ جون اڪيچار غلطيون آهن. اسين اوهانجي ڪهاڻيءَ کي سخت ناپسند ڪريون ٿا. دل ۽ دماغ کي سرور پهچائڻ لاءِ شربت وغيره استعمال ڪريو، جو اميد ته اوهانکي ڪافي ڪان زياده فائدو ڏيندو ۽ اوهانجي دماغ جي ڍلن پرزن لاءِ پيچڪش جو ڪم ڏيندو.

خير انديش

ايڊيٽر

جناب ايڊيٽر صاحب

اميد ته اوهان، سب ايڊيٽر ۽ اسٽاف سڀ خيريت سان هوندا. اوهانجو ڳُذريل خط پڙهي مونکي اينتري ته خوشي ٿي، جو انکي ڳهٽ ٻڪڙ لاءِ ڪنهن ڏڪ جي ڳولا ۾ آهيان. اهو ڏاڍي ڏاڍو افسوس ٿيو ته منهنجي ڪهاڻي رکيو اوهانجي ناپسند ڪارڻ شايع نٿي ٿي

سگهي. در اصل رسالي جا پاڻڪ اوهانجي پسند کي سخت نا پسند ڪن ٿا، انهيءَ جو واضح ثبوت اوهانجي رسالي جي اشاعت جو معمولي تعداد آهي، جنهن ۾ رکو اوهانجي، پسند جون تحريرون شايع ٿين ٿيون. منطق جي روءِ کان اوهانجي نا پسند ڪيل شيءِ پاڻڪن کي پسند هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري اوهانجي سخت نا پسند ڪيل ڪهاڻي، رسالي ۾ ڇپجڻ جي سو فيصدي حقدار آهي، جا مونکي پڪ آهي ته پاڻڪ سخت پسند ڪندا. آزمائش شرط آهي. ءُ ٻي ڳالهه ته اوهان لکيو آهي ته شربت مونکي ڪافي کان زياده سرور ڏيندو، سو هن سياري جي موسم ۾ سرور نه البت نمونيا ضرور ڏيندو. ٻي ڳالهه ياد رکو ته ڪافي ته وڏي ڳالهه آهي چانهه جو درجو به ليڪ لاءِ شربت کان وڏيڪ آهي.

شڪرگذار، تابعدار وغيره وغيره

آواره صحرائي

جناب آواره صحرائي صاحب

عرض ته هن خط سان گڏ اوهانکي هڪ چيڪ ملندو. جنهن تي سوا رپئيو لکيل آهي. انهيءَ رقم کي خيرات نه سمجهندا، پر در اصل اها رقم اوهانجي ڪهاڻيءَ جو معاوضو آهي. اسان اوهانجي ڪهاڻيءَ جا جملي حق خريد ڪري چڪا آهيون. هيءَ ڪهاڻي سو فيصدي اسانجي ملڪيت آهي. جيئن ته اسان هر ان تحرير جا اسان قبول ڪندا آهيون، تنهن جو معاوضو ڏيندا آهيون، انڪري هاڻي اوهانجي ڪهاڻي قبول ڪرڻ کان پوءِ اسين اوهانجي ڪهاڻي شايع ڪريون (جو ناممڪن آهي) يا ڪهاڻيءَ کي تيلي ڏيکاريون (اها ئي واحد وات آهي) اهو سڀ اسانجي مرضيءَ تي منحصر آهي. چيڪ جي وصوليءَ جي رسيد ضرور موڪلجو. آخر ۾ اسان اوهانجي هڪ غلط فهمي دور ڪرڻ ٿا گهرون. اسان اوهانکي لکيو هو ته شربت اوهانکي ڪافي کان زياده سرور ڏيندو. انهيءَ مان اسانجي مراد پيئڻ واري ڪافي نه بلڪ ڳائڻ واري ڪافي آهي.

خير انديش

ايڊ

گيت
قطعو
آزاد نظم
غزل
نظم
آزاد نظم
آزاد نظم
آزاد نظم
بيت
نظم

# شعر

تنوير عباسي
ذوالفقار راشدي
امداد حسيني
قمر شهباز
ارجن حاسد
هريش واسواڻي
نثار بزمي
غلام حسين رنگريز
منظور قريشي
فتاح عبد

هڪڙو شاعر

پير بخش ٻپاسي

تنوير عباسي

## کهڙو ساجن ري ساڻيهه

آءٌ تہ گوري گجر منهنجو پرين ويو پرڏيهہ
جيڪو ديس انهي جو سوئي آهي منهنجو ڏيهہ
کهڙو ساجن ري ساڻيهہ

سج سوا هي گج نہ چمڪي گوري ڪيئن ڪري
پريتم ري ڪيئن مکڙو ٻهڪي ساجن شال وري
پريت جو ڪوئي انت نہ آهي پيار جو ناهي ڇيهہ
کهڙو ساجن ري ساڻيهہ

دلبر دور هليو ويو آهي ڪيئن چمڪايان چير
من ۾ پور پرينءَ جو نچندي نچندي اٿڪن پير
ڪڏهين گهار گهڙي ڪا مون سان پر پاسي ۾ ويهہ
کهڙو ساجن ري ساڻيهہ

ذوالفقار راشدي

## قطعو

ڪو نہ واقف آهي منهنجي ڪرت جو،
ڪنهن نہ ڄاتو هو اسان جي ريت کي،
ناهي جن کي سُرت جو اندر ۾ پسن،
ڪير بي سُرتن کي پنهنجي دل ڏئي!

امداد حسيني

## اڻڳڻ رنگ

انگ رنگ
رنگ انگ
جڳمڳ جڳمڳ جسم
تنهنجي جسم کان اڳتي آهي،
اوڻتهين جي اونداهي!

## وندر

مان سڄي رات رنئو آهيان، ڪليو آهيان،
وهاڻي ڪي پري ياڪر ۾!

## رات جي موت تي

اوچتو ئي اوچتو
مات جي موتي محل ۾
ڏاڍ جو پٿر لڳو
در دريون لرزي ويا
شيشو شيشو تي پڳو
ذرو ذرو تي پريو

اوچتو ئي اوچتو
سازشن جي رات پوري ٿي وئي
تارو تارو ٿي ڪيڙيو
هڪڙو هڪڙو ٿي ڇڳو
ڏس تہ پوري زور سان
ڳهنڊ سورج جو وڳو
اوچتو ئي اوچتو!

قمر شهباز

# غزل

پيار پکيئڙو بنجي اڏري آيو منهنجي دوار،
آءُ پرين تون آءُ ڪٿي، ڪي ڏينهن اسان سان گهار.

ساوڻ ويندو، سپنا رهندا، يادون ڏيل ڏنگينديون،
تو ريءَ مکڙيءَ مرڪي ناهي، ساوڻ ڪي سينگار.

لهر لهر کي لک لک لوڏا، ويرون ويري آهن،
دل جي ڪشتي درياهه وچ، تنهنکي پار آڪار.

دل جون ڳالهيون، دل ئي ڄاڻي، دنيا ڀوُ ڪهڙو؟
روحن کي ڇا روڪي سگهندي ڌوکي جي ديوار.

صدين کان آ ساهه سڪايل، ڪنهن سائي جو سائل،
پير پير- ۾ پاڻي منڙا، ڪنهن پياسي کي پيار.

تارن ۾ جو تارا پاڻي، تنهنجي راهه تڪي ٿو،
تنهنجي انڌياري دنيا کي، آءُ اچي اجيار!

قمر شهباز

# غزل

ڪو اونداهين ۾ گهاري ٿو، ڪو اجيالن کي ساري ٿو،
هيءَ ڌرتي تنهنجي داسي آ جو پنهنجو ڀوتو ڀاري ٿو.

ڪو محبت ساڻ مچائي ٿو، ڪو محنت ساڻ مچائي ٿو،
سو سورهيه منهنجو ساٿي آ، جو پنتي ڪين نهاري ٿو.

ڪو ٻيجل ٻنجي ٻولي ٿو ۽ سک جا سپنا گهولي ٿو،
ديس جي ڪارڻ چارڻ ٻنجي، سوريءَ کي سينگاري ٿو.

هو تارن کي ترسائي ٿو، ۽ ڪتين جا ڪر موڙي ٿو،
هو ڏاڍن کي ڏهڪائي ٿو ۽ گهوٽن ساڻ گذاري ٿو.

هو تاڙو ٻنجي ترسي ٿو، هو بادل ٻنجي برسي ٿو،
هو ساوڻ جو سنديسو آ، هو سک جي سينڌ سنواري ٿو.

هو ڏک جا ڏونگر ڏوري ٿو، هيٺن کي پار اڪاري ٿو،
هو واچوڙن جو ويري آ، هو طوفانن کي تاري ٿو.

ارجن حاسد

# نظم

هر شوخ نظر ۾ ميخانا،
هر مرڪ ۾ آهن ويرانا،
هت ڪير سڃاڻي ڪنهن ڪنهن کي،
ماڻهو ئي هتان جا بيگانا!

وشواس جو هاڻي ڇا ٿيندو!
احساس جو هاڻي ڇا ٿيندو!

جيڪي به هتي دولت وارا،
سڏجن ٿا سيئي قسمت وارا،
جن دنيا کي دولت بخشي،
سي بڻجي پيا سڀ ويچارا!

وشواس جو هاڻي ڇا ٿيندو!
احساس جو هاڻي ڇا ٿيندو!

هر مرڪ مٺي آزار بڻي،
هر الفت هت لاچار بڻي،
چاهت به وڪاڻي پئسي سان،
هيءَ دنيائي بازار بڻي!

وشواس جو هاڻي ڇا ٿيندو!
احساس جو هاڻي ڇا ٿيندو!

## هريش واسواڻي

# نائڪائون

(١)

پريات

نئين نويلي
ڪنوار جهڙي
سينگاريل سجايل
اُفق جي سيج تي
انتظار ۾ مگهن ويٺي آهي

سهڻي سج،
جيئن ئي سندس گهونگهٽ مٿي ڪنيون
تيئن ئي، لڄ وچان
لڄ وچان لعل ٿي ويئي.

(٢)

ٻه - پهري

شانت ۽ اُداس-
پريشانيءَ ۾، پيلي ٿي
وڇوڙي جي آگ ۾ پيئي جلي
ڪنهن منڙي ياد ۾
جيئن ئي آيو ساه ڪنيائين
تيئن ئي
لُڪ جي لهر اچي ويئي.

(٣)

سنجها

ٽامي جي رنگ جهڙي
ڪيچلي ۽ نادان
الهڙ ڇوڪري
خيالن ئي خيالن ۾
جيئن ئي ڪلي
تيئن ئي آسمان ۾
سفيد ڏندن جهڙا
تارا ٽڙي آيا.

(٤)

رات

سانوري ۽ سنجيده
لاجونتي استريءَ جيان
چپ چاپ
پريتم لاءِ پيار پئي ڪري.
چنچل چنڊ
جيئن ئي ان جو مستڪ چميو
تيئن ئي سندس نيڻن مان
شبنم جا لڙڪ لڙي آيا.

نثار بزمي

# شڪر

اُٿ ڇگن مان ڇيڙه ڪڍ
وهنجي، سهنجي صاف ڪر پنهنجو بدن
تيل وارن کي چنبيليءَ جو لڳائي ڏي ڦڻي
مشڪ مهڪي جان کي
ڪر اسانجي روح جو سرهو صحن
سنڌ جي راڻي اتي سينگار ڪر
تون ڳچيءَ ۾ پاءِ ڪيڻي هار هيرن جا هزار
رات ڪاريءَ جي ڳچاٽي تي وٺي
صبح جو ظاهر ستارو تي وڃو
هرڪو سنڌي پاڳ وارو تي ويو
ريشمي پهري وڳا، هٿڙن کي مينڌي لائي تون
ڳلن کي ڳاڙهاڻ لائي پاڪي ڪر پدمڻي
ڳهه ڳنا پائي ڪٺي ڪڇ ۾ دلو
ڪر اسانجي بره جو ڪوئي ڀلو
ڏک ڏجها پائيءَ جيان سڀ ويا وهي
لڙ- ويا -لهي
غم نه ڪر هاڻي سدوري سنڌڙي!
توکي هاڻي پاڻ ڪان پاسي ڪرڻ جو تا ڏبون
اُٿ سياڳي!
پٽ ڏٺيءَ هلي کو 'شڪر' ڪر
جنهن ڪئي توکي دعا دل سان هٺي
سنڌ جي راڻي! اتي سينگار ڪر.

غلام حسين رنگريز

# رڻ جي رات

هي ڪير مئو ۽ ڪنهن جو آهي لاش
بي گور و ڪفن بي وس لاچار
رڻ ۾ رڻ جو شڪار
هي ڪير مئو ڪنهن جو آهي لاش.
هي به ته هوندو ڪنهن ماءُ جو لخت جگر
ڪنهن پيءُ جو نور نظر
هن لاءِ ڪنهن راتيون جاڳيون هونديون
هن لاءِ ڪنهن ڳوڙها ڳاڙيا هوندا
هن لاءِ ڪا پيڻ لچي هوندي
هن لاءِ ڪو ڀاءُ تڙپيو هوندو.
هن لاءِ ڪا ماءُ روئي روئي
تير وهائي نيڻ وڃائي ويٺي هوندي
هن لاءِ ڪو همدم،
بي چين ٿيو هوندو.
هن لاءِ ڪنهن ڪنڌ ۾ ويهي
سسڪيو سڏڪيو هوندو
هن لاءِ ڪنهن ولهه ۾ ويهي
رات گذاري هوندي.
هن لاءِ ڪنهن وار وکيري
وات نهاري هوندي
هي به ته ڪنهن جي حسرت هوندو
حسرت جي تڪميل به هوندو.
هن پيانڪ خاموشي ۽ برپٽ ۾
ولهه جي ولهي چاندوڪيءَ ۾
ڪير ستو آهي.
هي ڪير مئو آهي.
۽ ڪنهن جو آهي لاش.

منظور قريشي

# بيت

بره سنديءَ باهه جو مــن ۾ متو مــچ،
ڇڏي ريت رسڻ جي موٽي مون وٽ اچ،
ڳالهيون ڪيون ڪي ڳچ ڳل پسائي ڳوڙهن سان

چمڪي چمڪي چنڊ جيان، پرين پاڻ پساءِ،
ساري سڀ ٻڌاءِ، ڳالهيون مونکي ڳجهه جون.

ڏکن سندي ڏات، ريهون ڪري رڄ ۾،
ڳولي پيئي نجات، لڄــي لڄي لنو ۾.

مونکي سنـــڌو ماءُ، ايڏي شڪتي ڏي،
تنهنجي ويري ڪي، چيتي وانگي چيريان.

مونکي مٺـــڙي ماءُ، ايــڏي مستي ڏي،
تنهنجي ڌرتيءَ ڪي رت سان ريج ڏيان.

ڪيسين رکنديں بند ۾ منهنجو مڙهءِ ماس،
نيٺ ته اڏرندو سواس، پاپي تنهنجي پنجوڙ مان.

جلي تـولاءِ جنـــد، رنـــي ساري رات،
گهڙي گهڙي اگهات، مل ته ماندائي لهي.

من تان لهين نه مور، وساري ڪيئن وهانءِ،
جهوري ڪيو جهور، سڪ اوهانجيءَ سپرين.

سڳو منهنجي ساهه جـــو، اجهو ٽٽو هاڻ،
آسهڻ جو اهڃاڻ، ڏور آڀ ۾ ڏوريان ٿو.

فتاح عابد

# ڪو نہ ٻڌاءِ مونکي يار

جنهن امن جا ناد وڄايا ٿي، جنهن گيت خوشيءَ جا ڳايا ٿي،
جنهن محبت مينهن وسايا ٿي، اڄ ڇو جان ڪان آ بيزار؟
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

جنهن جهنگن ۾ جهونگار ڪئي، جنهن ڪونجن جان ڪوڪار ڪئي،
جنهن ٿر بر ۾ تڏڪار ڪئي، اڄ ڇو اهڙو ٿيو لاچار؟
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

ڪجهه ياد ڪري ۽ ڪنڊڪي ٿو، ڪجهه پنهنجي منهن هو پڙڪي ٿو،
پر ڪين ڪڏهن هو مرڪي ٿو، ڇو آهه حياتيءَ ڪان بيزار؟
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

اڄ گذريل سپنا ساري ٿو، ڇو گهايل گهايل گهاري ٿو؟
۽ پنهنجي جندڙي ڳاري ٿو، آخر ڪهڙو آ اسرار؟
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

من ماهہ ۾ ڪيسين سڙندو هو، ۽ پيٽ جي باهہ ۾ جلندو هو،
موت سان ڪيترو وڙهندو هو؟ ڏوهہ نہ سلِ اُنجي ڏاتار؟
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

ارمانن جو خون ڪري ٿو، باهہ ٻڪن جي منجهہ سڙي ٿو؟
روز جيئي ٿو روز مري ٿو، آهي ڌرتيءَ تي ڇو بار؟
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

پورهيت ڇو ڪنگال رهي ٿو؟ هيڻو ڇو بدحال رهي ٿو؟
ڏاڍو مالا مال رهي ٿو، روز ڪري ٿو شوق شڪار!
ڪو نہ ٻڌائي مونکي يار؟

'عابد' جي آ آس اهائي! سنڌ هجي سرسبز سدائي!
مارن ۾ ٿئي سُڪر سڻائي! هرڪو ٿئي شل شاهوڪار!
ذات ڪرين اهڙي ڏاتار!

## پير بخش پياسي

### نظم

سنڌڙي تنهنجو سينگار جنت ملير تي
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تا فطرت پذير ٿي

سنڌڙي تنهنجو ته شان هو، شايان شان هو
هوشوءَ ته تنهنجي جان هو، دودو جوان هو
درياءَ پي تنهنجي عظمت، جذبي جو دان هو
هر دل ۾ تن جي محبت روشن ضمير ٿي
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تا فطرت پذير ٿي

زرخيز تون، زرين تون، اهڙي زمين تون
تارن جي ڪهڪشان ڪان، بيحد حسين تون
شهباز ۽ لطيف جي، آهين جبين تون
ساراهه تنهنجي سونهن جي هر بي نظير ٿي
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تا فطرت پذير ٿي

قدرت جو شاهڪار تون، گلشن بهار تون
ڌرتيءَ تي جو سڪار سو، موتين جو هار تون
هر دل ۾ چڻ وسي سو، 'پياسيءَ' جو پيار تون
تُنهنجي ته مُنهنجي دل ۾ آڪنڊ اڪير ٿي
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تا فطرت پذير ٿي

### قطعو

ڪينجهر جي ڪنارن جو قسم، نوري نظارن جو قسم
تنهنجي سڪارن جو قسم، تنهنجي سهارن جو قسم
تنهنجي خاڪ جي ذريءَ تان منهنجي جان فدا
تنهنجي عظمت جو قسم، هوشوءَ پياري جو قسم

پير بخش پياسي

# نظم

قليلي ڪناري وڻ عملداس هيٺان
رهاڻيون ڪندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

ليٽي چير تي هٿ پاڻيءَ ۾ ٺڪ ٺڪ
چنڊا هڻندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

سينو سينې ۾ ڏيئي پيچي پاڪرن ۾
ٺڏا ساهہ کڻندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

بي هوشيءَ جي عالم ۾ محبت جي دوران
سچ لهندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

راز محبت جون ڳالهيون ڪندي هو خفا ٿي
ڪڏهن وڙهندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

تون منهنجو مان تنهنجي پوءِ ناراضگي ڇو
پيهر پرچندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

خوف کاڌل دليون تن جي اکڙين منجهان
لڙڪ وهندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

هڪ ڏينهن وريو واءُ اهڙو ڪڏهن ڪين پوءِ
وري ويهندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

۽ پاڻيءَ جي لهرن ۾ گم ٿي ويا ائين
ستم سهندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

پوءِ خاموش محبت جي واديءَ ۾ 'پياسي'
روح تڙپندي تن کي مون پيي ڏٺو هو

پير بخش بيا-ي

# لاش

هي لاش محبت جو اکيان تنهنجي پيل جو
تنهن دل جي نقشي تي تنهنجو ماڻي عيان
تو ڪڏهن هن پيار جي ساراه جا ڏک ٿي پريا
اج پلا چو ماٺ آهين ڪجهه ته چئو اي جانِ جان

هي غم جدائي جو نه هو جو ڪري توسان گيلا
هي راز نفرت جو نه هو جو ٿئي تو ڪان خفا
هي پيار هو اقرار هو جنهن سان جور و جفا
اج پلا چو ماٺ آهين ڪجهه ته چئو اي بيوفا

تنهنجي مکڙي مرڪ تي ته ڏنو مون تن ڌن
تو ڏنو جيڪي چپن ۾ مون ڏنو سو اکڙين
ڏس روان لڙڪن جو آهي جن ۾ دريا موجزن
اج پلا چو ماٺ آهين ڪجهه ته چئو اي جانِ من

تنهنجي مجبورين جو هي احساس تو وٽ خودڪشي
تو مبارڪ هي خوشي مون مبارڪ هيءَ گهڙي
منهنجو مقدر داغِ دل تون ته ڪنهنجي روشني
اج پلا چو ماٺ آهين ڪجهه ته چئو اي زندگي

هو پريان جمنا مٿي آ زنده ڪنهنجو تاج محل
هي اکيان محبت جو تنهنجي جڙتو ويران ڪاڪمحل
ڪينجهر ڪناري ڪيئن پيو پٽڪي روح ڪنهنجو
اج پلا چو ماٺ آهين ڪجهه ته چئو اي نور محل

پيار جي تعمير تون ۽ خواب جي تعبير تون
زندگيءَ جو هي اڌورو خواب جنهن تي هو يقين
پيار جي پرآتما ٿي پيار پيي تو ٿي ڪسيو
اج پلا چو ماٺ آهين ڪجهه ته چئو اي تون جبين

دل جي زخمن کي تراشي مون بنايو هي آ گيت
پيار جي آواز کي ئي تو ڏنو سهڻو سنگيت
پوءِ بہ منهنجي هار ۾ تنهنجي ٿي ويئي آ جيت
اڄ ڀلا ڇو مات آهين ڪجهہ تہ ڇئو اي منهنجا ميت

حسرتن جي هي آ تربت تنهن مٿان روشن چراغ
تون جي ٻارين ڪوبہ ٻاري پر نہ ڏيندو ڪنهن کي نُور
نور جو هي پرتوو تہ روح بنجي ويو اُڏامي
اڄ ڀلا ڇو تون مات آهين ڪجهہ تہ ڇئو اي مثل حور

پيار جي هيءَ ابتدا جنهن تي ٿي آ انتها
تو ڏسان ڇا نيل چمن ۾ هرطرف آهي اُداسي
دم تو گهُنجي هن گهڙيءَ پوءِ بہ تنهنجي ياد آهي
اڄ ڀلا ڇو مات آهين ڪجهہ تہ ڇئو تون اي 'پياسي'

## وائي

درياءَ جا هي ڏڏڪا ڏڙڪا،
ڇلڪي تنهنجو ڇولين ۾ اُت،
آپيون ظلم جون هي ديوارون،
ساهڙ خاطر سهڻي ڪيئن ٿي،
ڏک سکن جي سونهن کي سمجهي،
منزل پنهنجي ائين اڪيتي جيئن،
ڏياتي 'پياسي' تو جا ٻاري،

پاڻيءَ جو جت شور ميان!
پيلو پڙي ٿيو پور ميان!
ڏنو نہ تين جو زور ميان!
گهڙ گهير تان گهور ميان!
ڏاڍ جا ڏونگر ڏور ميان!
چنڊ کي چاهي چڪور ميان!
وٽ تنهن ويهي سور ميان!

پير بخش پيا-ي

# غزل

وٺي روپ بهروپ آئـي دغا اڄ،
وفا جي ٿي بدلي ملي تـي جفا اڄ.

هتي هرڪو زخمي وتـي ٿو پريشان،
ڪري ڪير ڪنهنجي هتي ٿو دوا اڄ.

پنهنجي خواهش جو گــلو ٿي گهٽجي پوء،
باقي جو به چاهين ڪرين سو روا اڄ.

وجهي پنهنجو گريبان ڏس تون،
چئو چاڪ ڪنهنجي ٿي آهي قبا اڄ.

چند چانديءَ جا ٽڪرا سر عام تن تي،
وڪجي ٿي تنهنجي نياڻي هوا اڄ.

زماني ڪان منهن موڙي هيڪر وڃي ها،
اگر جي هجي ها هتي پيي خدا اڄ.

ڪري ڪنهن سان ڪهڙي شڪايت ڪندين،
زماني ۾ ڪهڙو رهيو آ حيا اڄ.

تنهنجو جذبو ايمان مري ويو تڏهن آ،
جڏهن ٿي خفا ويو آ توڪان خدا اڄ.

چمن ۾ بهارون وري جي به آيون،
پلا ڪنهن کي پيغام ڏئي پيي صبا اڄ.

صبر ۾ رهڻ پيي خطا تنهنجي 'پياسي'،
سزا بنجي تنهنجي ويئي آ صدا اڄ.

دودي جو موت (منظوم ڊرامو)
خوابن جو سورج

# ڊراما

شيخ اياز
آغا سليم

شيخ اياز

# ڏوڏي جو موت

(منظوم ڊرامو)

## اڳئين پهريون

[خيمي ۾ شمعدان ٻري رهيو آهي. چنيسر شراب پي رهيو آهي ۽ هن جي سريت چولي ڪنهپارڻ نچندي ڳائي رهي آهي.]

چولي:

جيئو جيئو، پيئو پيئو،
ڇنن ڇنن، ڇن ڇن
ڪاري رات، اڀرو ليئو
ڇنن ڇنن، ڇن ڇن
تمڪي نيٺ وساهي ڏيئو
ڇنن ڇنن، ڇن ڇن
پيئو پيئو، جيئو جيئو
ڇنن ڇنن، ڇن ڇن
ڇن ڇن، ڇن ڇن، ڇن ڇن، ڇن ڇن، ڇن،
ڇنن ڇنن، ڇن ڇن
ڇن.... ڇن.... ڇن

چنيسر (ڪيپ ۾ اچي):

هر شيءِ اڄڻي وڃڻي آهي
هر شيءِ پيري پڇڻي آهي
جيڪي آهي سو هي پل آ
موت اَٽل آ، موت اَٽل آ

موت اسانجو پاڇو آهي
ڪارونجهر آ ڪاچو آهي

منڇر آهي مياڻي آهي-
ساوڻ جي سوهياڻي آهي

ويساکيءَ جي ويرا آهي
تنهنجا منهنجا پيرا آهي-

توسان مون سان ڇايو آهي،
اڻڇاتي مان آيو آهي

اڻڇاتي ۾ وڇڙو آهي
ڪنهن جي مور نه ميڙو آهي-

هن ڌرتيءَ ڪيئي آيا
جن ڌرتيءَ کي ناچ نچايا

اڄ ڪو تن جو نانءُ نه آهي
ٿهر ڪٿي، ٿر ٿانءُ نه آهي

پَر پونئي جو پاڻُ نه ڪوئي
ميتيءَ جو ماڻڊاڻُ نه ڪوئي

هيڻن چوي يا ڀوڻ چوي ڪو
موت ڏئي تو ڪنهن کي ٽيڪو؟

هر ڪو سچ آ سچ ڪري ٿو-
ڪنهن ماڻڪ جئن موت مري ٿو،

جنهن جي تِڪ حياتيءَ ۾ آ
هر ماڻهوءَ جي ڇاتيءَ ۾ آ-

ڇا ڪو اهڙو پاجوڪڙ آ
ڀُونءِ مٿان ڪو اهڙو پڙ آ

جيڪو اُن کان اڄو آهي؟
هر ماڻهو هڪ ٻاجو آهي

جنهن جي سِرُ ۾ موت پريل آ-
هر پل من تي مگ ڏريل آ-

جي هر ڪنهن کي مرڻو آهي
ڪو واپس به نه ورڻو آهي

پوءِ هي سارا -منڊ- اجـايـا
ســارا گهـُنڊ گهـُمنڊ- اجايا

ڪوڙو ســارو آپــو آهــي
ڪانو سڀ جو ماپو آهي:

-ڏنُ- وني چا -ڏنُ- ڏئي چا،
ناس ڪري چا ناس ٿئي چا،

ماڻهوءَ جا ايمان- بــه ميٽي
آن- به متي شــان- به متي

ڏوهيءَ جو ساٿيهه به ساڳيو
بي ڏوهيءَ جو ڏيهه به ساڳيو،

چو جو هر ڪنهن کي مرڻو آ
پنءَ جو اونهو پيٽ ڀرڻو آ

[تابو ڪائي آتي ٿو. هڪ هٿ ۾ چوليءَ جي چڳ وٺي ٿو ۽
ٻئي هٿ سان پيالو پري چئي ٿو.]

پل ته هجي پو لولو لنگو
مُئي -وليءَ کان ڪُتو چنگو!

اي -متواري مُئــي پڇاڻان
سج آيري ٿو، مان چا جاڻان-

سڀ ڪجهه هيءُ جڳاڻو آهي
چوڏس رات، چٽاڻو آهي،

موتئي جي مهڪار به آهي
۽ ڪا ماڪيءَ آر به آهي

تنهنجي ٽاريءَ جهڙي تن تي-
ساري رات اندېري بن تي

ڪويل جي ڪوڪار چڳي آ
۽ سا سندر نار چڳي آ

جيڪا پنهنجا ڦل آڇي ٿي
چار رسيلا ڦل آڇي ٿي؛

ڏاڙهيءَ ڏول ڪنجيءَ جي وڻ ۾
ساري رات لڏي ساوڻ ۾

رچي وڃي ٿو اهڙو رس ۾
آڳ لڳائي ٿو نس نس ۾.

ڏاهپ جو آ ڏسُ اهو ئي
جيئڻ جهڙو جسُ نه ڪوئي،

موت رڳو انڌيارو آهي
مٺ هڏن تي مارو آهي

ڇوڪري:

سائين! آءٌ ڪنوارڻ آهيان،
هونءَ ته ڪائي ڏاهي ناهيان

پر مون هڪڙي ڳالهه ڏٺي آ
جندڙي مون کي ڀو به مٺي آ-

آوِيءَ ۾ ڪئن ٿانو پيهن ٿا
۽ ڪئن تن تي ڇٽ آچن ٿا

تن ۾ ڪوئي پيلو آهي،
ٿوري چوٽ آنهيءَ کي ڏاهي،

ها، پر جيڪو ڇڪڙو آهي
تنهنجي ڇڪڻ ڪنهن کي ناهي،
- گهڙا ڏنا مون ڪيئي ڪورا
- گهڙا منجي ۾ تان ڪرندي پورا

ها، پر پو به گهڙولي تن تي
ڀاڄهارن جي ٻولي تن تي
ڪيڏي پياري لڳندي آهي-
۽ مٽيءَ جي پيالي چاهي!

پر جي اُن ۾ مڌ پريل آ
ولهه ۾ ساري رات ٺريل آ
پوئين پهر اُنهيءَ جي سُرڪي
پيتي آ جنهن مُرڪي مُرڪي

تنهنجي عمر سجائي آهي-
مٽيءَ هُونءَ اجائي آهي
مڌ وڏي معنيٰ آ سائين
نه ته مٽيءَ ۾ ڇا آ سائين!

[جنيسر ڪجهه وقت ڪنهن سوچ ۾ ٻڏي وڃي ٿو ۽ پوءِ مُنهن مٿي ڪري چوليءَ کي ڪا دير گهوري ٿو ۽ هن کي ٻئي گيت ٻڌائڻ لاءِ چوي ٿو. چولي هڪ وائي ڳائي ٿي.]

چولي: رهڻو آهي واس وڃي
هُونءَ ته گُلڙا روز ڇڻن ٿا
هيڪر ٿي هبڪار هوا ۾
سارا ٻوءِ جا ٻول پڇي
هُونءَ ته گُلڙا روز ڇڻن ٿا

پورا وڻ وڻ واسي ويندين
جي تو منهنجي ڳالهه مڃي
ھونءَ ته گلڙا روز ڇڻن ٿا
رهندو آهي....

[راڳ اڌ ۾ رڪجي وڃي ٿو. علاوالدين خلجيءَ جو سپھ سالار، سالار خان خيمي ۾ بنا اجازت گهڙي اچي ٿو ۽ چنيسر کي ٻڌائي ٿو ته دودي آڻ مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. چنيسر هنڪي شراب جو پيالو پري ڏئي ٿو، جو هُو هڪ گيت سان پي وڃي ٿو ۽ پوءِ ٻئي دودي جي چانوٽيءَ تي شب خون هڻڻ جي ِرٿ سٽن ٿا. چولي حيرت مان ٻنهي کي ٻڌي ٿي. اُن وچ ۾ سالار خان شراب جا ٽي چار پيالا گيت سان پي وڃي ٿو ۽ نشي ۾ اچي چوليءَ کي ٻانهن کان ڇڪي ٿو. چولي هن کان پاڻ ڇڏائي چنيسر کي چنبڙي ٿي.]

چنيسر (ٺهڪ ڏئي):

ھونءَ ته گلڙا روز ڇڻن ٿا
پر هرڪنهن کي پوءِ به وڻن ٿا

عورت ڪوئي جادو آهي
چانڊوڪيءَ ۾ خوشبو آهي

۽ خوشبوءَ تي ڪو ٻيو ٻونرو
آهي رس جو لوڀي ٻونرو؛

مُنڌ ڪنوريءَ ڊپ ـ لي آهي
اُن کي ڪولي جو به وراهي

اُن جي خوشبو ڦهلائي ٿو
هرڪنهن جو من گرمائي ٿو

[سالار خان ڏانهن ڏسي چوي ٿو]

هي جو تنهنجو ڪاج به آهي
تخت به آهي تاج بہ آهي

همت بہ آ هٿيار بہ آهي
۽ ويريءَ تي وار به آهي

تنهن کان تــوکي آهه چپايان
اهڙو آهه ايـــاڻـــو نـــاهيان

ڪنٽپ - ڪنهي کان گهبرائين ٿي؟
وڃ، وڃ چالئه شرمائين ٿي!

[چنيسر چوليءَ کي ڏڪو ڏئي ٿو ۽ سالار خان هنکي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو تہ چوليءَ جي مونڙي جي چولي ڪُلهي وٽان ڦاٽي پوي ٿي. پردو ڪري ٿو.]

# اُڪٽ ٻيو
## (پردو ڀهريون)

[اڌ رات جو وقت آهي. دودو پنهنجيءَ پيڻ ٻاگهيءَ سان خيمي جي ٻاهران آونداهي آسمان ڏانهن ڏسي رهيو آهي.]

دودو: ڪُجهہ دير هُئي جا چاندوڪــــي
اج اونـــداهـــہ آيـــري آروڪـــي
گهنگهور گـهـتا جـــو گـهـيرو آ
ڪيڏو نہ هـــوا جـــو ڦـيـرو آ

ڇــا گهُگهہڪــريٿو گهُون گهُون گهُون
ڪنهن وقت قناتـــون تنبوءَ جـــون

هـــن ســـاري تنبوءَ کـــي ڍاهي
اُڏري بہ وڃـــن تہ عجب نـــاهـــي!

هر شيءِ ڏانـــوادول لـڳـي ٿـــي
پـــر ڪـــا چيز اڏول لڳي ٿـــي

ٻي ماڻهوءَ جو من جو آهي
هر ڏونگر کان ڏاڍو آهي

ڏس ته ڪيڏ ڪان ڪونئرو آهي
چڻ پاڻيءَ جو پونئرو آهي،

پنهنجيءَ تي جنهن وقت اچي ٿو
ڌرتيءَ آڪاس ڏڏي ٿو

تارا آن لئه هيٺ جهڪن ٿا
پربت آن کي سجدو ڪن ٿا

(ٻاگهيءَ ڏي ڏسي چوي ٿو.)

خلجي تنهنجو سڳڻ گهري ٿو
تخت چنيسر لئه چاهي ٿو.

ٻاگهي:

تاج هجي ڇا تخت هجي ڇا
سونو روپو بخت هجي ڇا

ماڻهوءَ موهه اجايو آهي
ماڻهو ننگو آيو آهي

ننگو موٽي وڃڻو آهي؛
ٻر هي توکي ميٺو آهي

تنهنجو تخت امانت آهي
سارو بخت امانت آهي:

هُونءَ ته ڪيئي راجا آهن
ماڻهو توسان آجا آهن،

ڏڏرَ مڪڻ هر ڏيري ۾
سائو سُونُ هر ڏيري ۾

ٻو کي پنهنجي کيتي واڙي
سچ لڻي جو سارا لاڙي

ڦلڙيءَ وارا اجرڪ ڍڪي
نڙ تي رائو ڳائي ڳائي

پنهنجي ڏک کي دور آمائي
سک جي ننڊ سمهن ٿا هائي-

جي تون پنهنجو تاج ڇڏيندين
ڳوندر ۾ هر جيءُ ڳڏيندين

هو ڏاريا جي پير ڌرن ٿا
ڌرتيءَ کي پڙپانگ ڪرن ٿا،

ڌرڙ منجهان ڪوراڙ(١) اچي ٿي،
آن ڪان ڪا شيءِ ڪانه بچي ٿي

ٻوٽن مان تيتري جا ٻچا
ڳڙڪائي ٿي ڏائڻ ڪچا؛

جي تو آ ڪوراڙ ڏٺي ڪا
هي به ڏنو تي آن جا ليڪا

مٿيءَ تي جو وقت رهن ٿا
سپ ساسي تن ڪان چرڪن ٿا!

(دودي جي ڇاتيءَ تي هٿ رکي
چوي ٿي)

هر ماڻهوءَ ۾ جيءُ به آهي
تنهن ۾ هن جو پيءُ به آهي

ڏاڏو، پر ڏاڏو، تر ڏاڏو
روز اچي ٿو هنکي آڏو

نانو، پر نانو، تر نانو
هُن کان نانهه ڪڏهن بيگانو،

---

(١) ڪوراڙ - هڪ زهريلي نانگ.

جي تن ۾ ڪو ڪانئر آهي
ٻُڌڻ ڏٺي تو هُن تي ڪاهي

هُن جي سگهه لُٽي تو هر هر
هُن ۾ سَچ گهٽي تو هر هر

رَت پوڻ جو هي پتلوچاهي!
پيڙهيءَ جو پاڇائون آهي-

جي تون وڙهندي ماريو ويندين
هِن وستيءَ تي واريو ويندين

دودا تنهنجو ساهه ته ويندو
ماڻهوءَ جو ويساهه نه ويندو!

تنهنجا پُٽ نه ته تنهنجا پوٽا
رهندا تو سان پورا وچوٽا،

آزاديءَ لاءِ وڙهندا آخر
وڙهندي وڙهندي وڙهندا آخر،

تن جي لاءِ مثال ڇڏي وڃ
۽ جي چاهين خال ڇڏي وڃ

مون لئه تون جيڪو ٻه قبولين
خلجي، ڪُتو، جو ٻه قبولين.

دودو: تنهنجو مُنهنجو خون ٻه ساڳيو
جيئڻ لاءِ جنون ٻه ساڳيو

هي جا ڏاهپ ڳالهه چئي تو
منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي تو

ماڻهو چِڪ-نپوڙو ناهي
گونگو ناهي، ٻوڙو ناهي

ماڻهو سارو راز بـــ آهي
پر ڪوئي آواز بـــ آهي-
پاڻيءَ تان جو ساڻ(١) اُڏائي،
جڙڪا جَر تان جهانءَ آڏائي،
موت تہ هڪ پاڇائون آهي
آن جي ڪابہ حقيقت ناهي
ها ڪائي شيءِ پانءَ رهي ٿي
هن جندڙيءَ جي جهانءَ رهي ٿي
پونير منجھ پڪاري ٿي جا
ويہ سر ڪي والاري ٿي جا
جمڻ مرڻ جو تَتُ ٿئي ٿي
سگهتہ ٿئي ٿي سَتُ ٿئي ٿي-
ٻاگهي! جي اڄ جان ڏيان مان
هن ڏرتيءَ تي گهور ٿيان مان
سَچُ چوين ٿي ساهہ تہ ويندو
ماڻهوءَ جو ويساهہ نہ ويندو.

[پريان چولي ٻوڙندي اچي ٿي ۽ دودي جي پيرن تي ڪري سڏڪا
پري ٿي.]

چولي: جيئين شال مدائين دودا!
او سونهارا سائين دودا!
سُر سپنو آ، مون جي ڳايو
هي سارو سنسار سمايو
سُر جي نيريءَ سندرتا ۾-
پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي پيڙا ۾

(١) ساڻ - ٻ گهيءَ ڳچيءَ سان هڪ پاڻيءَ جو پکي.

ڪائي ٿَـهر اڇي وئي مون سان
سُڪ جي لهر اچي وئي مون سان.

مان گهنگهروءَ جي ڇم ڇم آهيان
جي ڌرتيءَ تي پير نچايان

چَـن چَـن ڪَـن تارن جا سِـڪا
ڪجهه به نه آهن سونا سِـڪا

جن تي پنهنجو پاڻُ وِڪيو مون
پوري ٿي جو پاڻُ وِڪيو مون

تنهن تي چَـنڊُ جهُڪي ايندو هو
سارو منڊُ جهُڪي ايندو هو،

منهنجو ڪوئي آگهُـ نه آهي
ها، جي ڪوئي مونکي چاهي

پنهنجو ڀُڪُ ڪنول جئن آڻي
موتي هاري، مون کي ماڻي

ماڪ اڳيان ڪو موتي چاهي!
آليءَ آڪَـڙِ جو آگهُه نه آهي

پر مون پنهنجو قدر نه ڄاتو
هاءِ، چنيسر کي نه سڃاتو

کهڙي جادوءَ ۾ جڙجي مون
کهڙي ڪانئر سان اڙجي مون

پنهنجي عمر گنوائي آهي!
اڄ جو سنهن ۾ ڇائي آهي

۽ مان انگ اُگهاڙي آهيان
جيءَ مان ڪا ڦاوڙي آهيان

جنهن جا قول لتاڙيل آهن
ويجهيءَ چڪڻ اجاڙيل آهن.

تنهن جو ڪارڻ آءٌ تہ آهيان
ڇو مون ڪونہ سڄاتو ڇاهيان!

ڏوڙ ڇنهسر، سارو ڏوڪو
سونهريءَ ۾ سَپ هيوڪو!

ڪوڙهتان جي ڪاج سري ٿو
تاجُ رڳو تاراجُ ڪري ٿو؛

جو بہ ڏيهہ تي پيرَ ڏري ٿو
هيٺ وڃي ٿو نيٺ مري ٿو

ڪنهن بہ ڏيهہ گهر ڪائي ناهي-
دودا سائين! اڄ هو ڪاهي

راتـــاهـــي لئہ اڇتا آهن
اهڙا نـــاهہ پيا هـــو ناهن

(دودو ڇوليءَ کي ٻانهن کان ڇڪي اُٿاري ٿو.)

دودو: لَڄ جيان ڪا ناهي لوئي
ڪوڙوتان ڪنهن وقت بہ ڪوئي

پنهنجو پاڻ ڪري جي آجو
تنهنکي ٿئي ڇڄتاءُ تہ ڇا جو؟

سچ تہ ڪوئي ڪتني آهي
جنهن جو ڪنہ پ سدا ٿو لاهي

ٻاپ ڀڄاڙي ميرُ مَن جو-
اَجرو اندر آهي تـــن جو

(ٻا دَهيءَ ڏانهن ڏسي ٿو.)

ڪُوڙ وٺان جي دور پڄن ٿا۔
سڀ ڪاهيءَ مان نيٺ ڪڇن ٿا

جن جي رڳ رڳ رسّي آهي-
سَچَ سوا ٻي چِستي آهي

ماڻهوءَ جي هر رهڻي ڪهڻي-
توکي پيڙَ پئي جا سَهڻي

تُنهنجا گيت اُجاري ويندي
تو ۾ ڏيئا ٻاري ويندي!

ڪُوڙا ڪانئرجا سڀ سَنگي؛
هاج جڏهن آهي هَٿَ منگي

ڪُوڙسندس ڪچڪول پري ٿو
۽ پينو جنهن وقتَ ٽري ٿو

ڪُوڙاُنهيءَ تي ٿهڪ ڏئي ٿو،
تنهن چادر کي ڇهڪ ڏئي ٿو

جا هُن منهن تي، اوڙهي آهي
ڪوڙ پراڻو ڪوڙهي آهي

اُن کي جنهن ٻه چِٽو، پڇتايو
ٻيک وٺي جئن ڪوڙهه پرايو-

ڇا ٻه چنيسر سمجهي هاڻي
هُن کي مون جئن ڪونه سڃاڻي

جنهن جي ڏور پرائي وس آ
ناچ ڪندي ڪيڏو ٻيوس آ!

چاهي ڏور ته، اُن کي ڊاهي
چِٽَ" ڏئي پوءِ پِٽَ تي لاهي،

ناهي، لاهي، ڏاهي اُن کي
ناڪوليءَ ڪان ڪاهي اُن کي.

باڳهي:

ڪانئر جي هر سوچ ۾ ڪُوڙي
لاپ ۾ ڪوڙو، لوچ ۾ ڪُوڙي

ريت ۾ ڪُوڙي پريت ۾ ڪُوڙي
جڻ هُو ڪائي ڪچّي چوڙي

پَر جي هٿَ ڪڙي سمجهي ٿو،
۽ شايد هُو هي سمجهي ٿو

ڪوڙ ڪٽّي جو ڪيتو ناهي
سڀ ڪجهه ڪاڏو پيتو آهي،

ماٺهو ماس سوا ڪجهه ڪونهي
ورنڊ سُواس سوا ڪجهه ڪونهي

موت ائين آ هُن جي من ۾
چيچڙ جئن ڪتّي جي ڪَن ۾

ڏودو:

موت تہ هر ڪنهن جو ويري آ،
پاراڻي(١) ۽ پاڙهيري(٢) آ

پوءِ بہ آهيري مان اڏري
پاڻيءَ پاتَ مٿان سو پڇي

پنهنجا پرڙا ڦڙڪائن ٿا
سج کي سينڌي سان لائن ٿا،

(١) پاراڻي - انهيءَ جاءِ کي چيو ويندو آهي، جتان ليڪي شڪاري شڪار تي تاڙ رکندو آهي.
(٢) پاڙهيري - پکين جو شڪاري.

نـاهي اِنَ جـي اونَ آنهن کي
ڪنهن تي ڪانَ ڪڏهن ٿو ڪڙڪي!

ماڻهوءَ کي ڇـو ڊپ ٿئي تـو؟
موت تہ جهاپوءَ جهپ ٿئي تـو

مـاڻهوءَ ۾ هـي ڏر ڇـــو آهي!
ڪنهن بہ مَريءِ هي چاتو نـاهي

'هَـيءَ هَـيءَ آءُ مري ويو آهيان
ٿاڻي سَنگ تـري ويـو آهيان'

مـوتَ آجـائـي جـو ڏر آهي-
پـر تـــاڻـو جـو اڻـتـر آهي

سُـچَّ مٿان ڪـا سـانجهي ناهي
اوندهہ ڪـا آڳـانجهي نـاهـي

آنَ ۾ تـارا تـم تـم ڪـن ٿا-
روشنيون تـي رم جهم ڪن ٿا،

جُڳ جُڳ جي جهرمر آ جندڙي
ڪيئي جوتِ جهروڪا جندڙي

جـنـهـن مـان روز وجهن ٿا ليئا
ڏاهـا پـاري پـنـهـنـجـا ڏيـئـا؛

جندڙيءَ جوت سدائين جلندي،
آئـي آ مـون تـائـيـن جـلـنـدي

مون کان پوءِ بہ جلندي رهندي
هر پيڙهيءَ سان هلندي رهندي،

جوت ڪڏهن بہ نہ مرئي آهي-
اج جا منهنجي ڪرٽي آهي

تنهنکي آءٌ نيپائي ويندس
پنهنجي جوت جلائي ويندس.

(پردو پيو)

[دودي جي حڪم تي جنگ جا نقارا وڄن ٿا ۽ لشڪر جا سڀ جوڌا هٿيار ٻڌي تيار ٿين ٿا. آسمان مان جهڙ هٽي ويو آهي ۽ چانوڻي چنڊ جي روشنيءَ ۾ نظر اچي رهي آهي.]

دودو:

هُو سورهيه سنيري نڪرن ٿا
جهونجهار جتا تي نڪرن ٿا

۽ جيءُ هٽي تو جهومريون،
تيّار ٿيو اي سومريون

۽ راتو واهيءَ سام ٿو
تنهن ابڙي جي جنهن جهڙو ڪو

هن ديس سڄي ۾ وير نه آ-
هن وقت نديءَ ۾ نير نه آ

ڪي نيش(١) ڪٺو، آرموش(٢) ڪٺو
ڪي پنڌ پٺو ۽ پير هٽو

آ سام اوهان لئه ابڙن جي
جئن چانو ٿئي ٿي ڪپڙن جي-

هُو آڏي ڊال نه ڊارن ٿا
هُو راوت مرندي مارن ٿا

آ غيرت تن جي دڳ دڳ ۾
۽ ڪنڌ جهڪائڻ ڪان اڳ ۾

(١) نيش - ستن سالن جو اُٺ.
(٢) ارموش - ڏهن سالن جو اُٺ.

هو ڪنڌ ڪپائڻ چاهن ٿا،
۽ تيسين سينو ساهن ٿا

پيي جيسين جام شهادت جو
هو ڪن ٿا سنڌڙيءَ کي سجدو.

(ٻاگهيءَ کي)

ڪنهن چاتو آهي ڪير مري!
هو ڪانئر ڪارو نپار ڪري

اڄ ايندا تنهنجي پاءَ مٿان
۽ شايد ويندي سنڌ هٿان!

سان مرندي تائين وار ڪندس
۽ ڌارين جا سر ڌار ڪندس،
هي ڪنڌ ڪُلهن تي آ جيسين
هو پير ڌاريندا ڪئن تيسين

هن ڌرتي تي جا امّي آ!
هيءَ جندڙي هونءَ نڪمّي آ

شل جيجل جي ڪنهن ڪار اچي!
شل ان تي ڪا نه ميار اچي!

شل تنهنجو وار نه ٿئي ونگو!
شل تنهنجو ڏينهن نه ٿئي ڏنگو!

اي پيڙ سدا آباد هجين
جنهن جاءِ هجين تون شاد هجين!

[ٻاگهي ۽ ٻيون سومريون انن تي وڃن ٿيون. پردو ڪري ٿو.]

(پردو ٿيون)

[دودو لشڪر کي اتساهي رهيو آهي. چولي تنبوءَ جي اوٽ مان ڏسي رهي آهي.]

چولي (پاٽکي):

دودو توکي چنڊ لڳو هو
ڪنهن مانڊيءَ جو منڊ لڳو هو

تو سوچيو هو، 'مان چولي هان
ان کي آيري ڪيئن پڄان مان!'

چنڊ وجهي تو پرتان پاچا
ڏوران ڏيک ڏئي تو چاچا!

ها، پر ڪيڏو پرتي آهي
ان جي ويجهڙ وس ۾ ناهي!

ڪيئن وئين ءَ ڪنڌيءَ تي ڪاهي
اي چولي چاڙهر ۾ چاهي

اڄ تون گدلي ميري آهين
چئه تون موتي چاتي چاهين

چنڊ پراهون تي ويو آهي
پويون پهر اچي ويو آهي!

دودو (فوج کي):

چا لاءِ ڏرن تا ماٺهوئڙا
هر روز مرن تا ماٺهوئڙا!

ڪوڪيئن مري، ڪوڪيئن مري
ڪو هونءَ مري ڪوهيئن مري!

جن وقت گذاريو ويرن سان
تلوارڻ سان ۽ تيرن سان

سي آڱ(١) وڍائي آرڻ(٢) ۾
تا ڪُوڏن مرن ڪنهن ڪارڻ ۾ -

ڪي ويچ هٿان وهه پيئن تا
ٿي لولا لنگڙا جيئن تا

(١) آڱ - عضوا. (٢) آرڻ - جنگ.

تاڪينجهي ڪُرڪي ساهہ ڏين
ءِ ڏ ُرڪي ڏ ُرڪي ساهہ ڏين
هر روز هزارن ۾ ماٺهو
ٿي چڙ تہ قطارن ۾ ماٺهو

تا موت مهاڙن ۾ گڏجن
اونداهن لاڙن ۾ گڏجن
هي جيڪا پُر پُر مٽي آ
ڪٿن جاٺون ڪنهنجي ڪنهنجي آ؟

اي پونير جُنگن جوپن جا
تن ڪَنڌ ڪَرار َن ڪُوپن جا
جن موٺ مهٺو چاتو هو،
گهر تيسين پير نہ پاتو هو

هت جيسين ڏاريا پير هُيا
هو جيڪي مڙس مٿير هيا
ڪنهن آيري واءُ نہ لوڏيا ها
ڪنهن ڏوڙئي پير نہ ڏوڏيا ها

هن ڌرتيءَ تان تن ڏِ گُن جا
تن لوهي جهڙن لڱن جا
سي جُنگ اوهان ۾ جرڪن ٿا
ٿي مولهيا مولهيا(ا) مَرڪن ٿا
اي سنڌ سپوتو، سرويچو!
پل ويريءَ سان اڄ بَرَ ُميچو!

سڀ پنهنجي پنهنجي سينگ سڄن
ائن ڪَٽڙڪِڙڪِٽڪان َوڃن

---

(ا) مولهيا - ڀِڳ

جئن سخت ڳڙن جو مينهن اچي
۽ ڪانهن هوا ۾ ڪو نه بچي!

جنهن وقت ڪڏي ڪيڪان وڃن
تي متيءَ جا طوفان وڃن

جئن هٽڪارن ڪان هانوَ هڄن
ڇهه ويريءَ جا بروقت ڇڄن

اڄ ساري ڌاري ورٺو آ
يا وڙهندي وڙهندي مرٺو آ

**چولي:**

هيءَ ڪنڌ ڪڪوريل آزادي
ماڻهوءَ ۾ سوريل آزادي

ٿي پرڪي پاڻ- وهيڻ ڪي
چا هانوءُ ڏئي ٿي هيڻ ڪي!
تدبير ڏئي تقدير ڪي
تقدير ڏئي تدبير ڪي

چا گوندر ڪي گرمائي ٿي!
ٿي راڳا راڙ مچائي ٿي

۽ پيير چڪي پنجوڙن ۾
چا گونجي ٿي گجگوڙن ۾!

او دودا توتان گهور وڃان
شل آءُ به پَوَ جا پول پڄان!

[چولي خيمي مان تيرن سان پريل ترڪش ۽ ڪمان کڻي باهر اچي ٿي. ترڪش پنيءَ تي لتڪائي ٿي ته پريان گرد غبار اڏامندو نظر اچي ٿو ۽ گهوڙن جي سنبن جا آواز اچن ٿا.]

(پردو پيو)

[جهونجهڪڙي جي مهل آهي. دودي جي گهٽي فوج مارجي وئي آهي

۽ باقي ٽڙي پکڙي وئي آهي. جنگ جي ميدان ۾ هزارين لاشا پيا آهن. انهن جي وچ ۾ گهايل دودو ڌرتيءَ تي ڪريل آهي ۽ آڳاڪين اکين سان چوليءَ ڏانهن ڏسي رهيو آهي. چوليءَ کي هڪ هٿ ۾ مشعل ۽ ٻئي هٿ سان دودي جي وات ۾ ڪليءَ مان پاڻي وجهي رهي آهي ۽ سڏڪا پري رهي آهي.]

دودو:

پوئين ويلا اچي وئي آهي
موت رڳو هڪ هڏڪي آهي
جنهن ڪو پرتان رسي چوڙي
۽ ڏبڪيءَ سان دنگي(١) ٻوڙي
اونهي جو اسرار نه ڄاڻي
آرُ نه ڄاڻي پار نه ڄاڻي

[چنيسر جنگ جي ميدان ۾ لاش ڏسندو، دودي جي مٿان ٿو اچي بيهي.]

چنيسر:

جرڦ-وٽي جي ڦونڊُ اجائي
دودا، تو ڇو جان گنوائي؟
هر ماڻهوءَ جي هاڪَ به مٽي
هين ڌرتيءَ تي ڏاک به مٽي
اڄ مجين ها، عيش ڪرين ها
هئين جوانيءَ ۾ نه مرين ها!

دودو:

ڇا به چوين مان مرڻو ناهيان
ويس مٽائي ورڻو آهيان
تون به چنيسر جو ڪجهه چاهين
مون ڪان اڳ ۾ ورڻو آهين
نانوُ نئين سان، ويس بدل سان
تنهنجي منهنجي جنگ ازل سان

(١) دنگي - ٻيڙي.

جاري آهي، جاري رهندي
جاري آهي، جاري رهندي....

[دودو مري وڃي ٿو. چولي اکيون آگهي ڳائي ٿي.]

هر روز پتنگا جرڪن ٿا
ڏِسُ، ڏيئي لاٽ اُئين ٿي آ!
هڪ جوت ٻُجهي ٻي جوت جاي
هر وقت جهروڪا جهرڪن ٿا
ڏِسُ، ڏيئي لاٽ آئين ٿي آ!
هر اوندهه ۾ هر اوجهڙ ۾
ڪي ماڻهو مرڪن مرڪن ٿا

ڏِسُ، ڏيئي لاٽ اُئين ٿي آ!
ڏِسُ، ڏيئي لاٽ اُئين ٿي آ!
ڏِسُ، ڏيئي لاٽ اُئين ٿي آ!

آغا سليم

# خواب جو سورج

جيڪڏهين اڄ اهي رستا نظر ٿا اچن،
جيڪي مقدس سچائيءَ ڏانهن وٺي ٿا وڃن،
تہ ٻوءِ مبارڪ آهن اُهي ذهن،
جيڪي سون ورنا خواب ٿا ڏيکارين.
جيڪڏهين سپاٽي سج نہ نڪري
۽ پنهنجن ڪرڻن سان ڌرتيءَ کي روشن ڪرڻ وساري ڇڏي
تہ پوءِ سپاٽي ڪنهن ديواني جو خواب
ساري ڌرتيءَ کي روشن ڪري ڇڏيندو.
(گورڪيءَ جي ڊراما ’پاتال‘ تان ورتل)

جهوٽن جو آواز اچي ٿو] لڪ ته ڪيڏي ٿي لڳي. نسوري باهه ٿي وسي.

[ساڄي دروازي مان نوڪرياڻي اندر اچي ٿي]

نوڪرياڻي: بي بي. ماني وڏايان.
سڪينه: مان ماني نه کائيندس. گرميءَ ۾ ڪجهه نٿو وڻي.
نوڪرياڻي: ڊاڪٽر صاحب به ماني نه کاڌي آهي. چيائين ٿي: سڪينه بيبي ايندي ته گڏجي کائينداسين.
سڪينه: مجيد کي کارائي ڇڏ. مونکي نٿي وڻي.

[نوڪرياڻي وڃي ٿي. ساڄي دروازي مان مجيد اندر اچي ٿو. هنجي هڪ هٿ ۾ شيشي جو گلاس آهي ۽ ٻئي هٿ سان هو ان ۾ چمچو گهمائيندو سڪينه جي ويجهو اچي ٿو.]

مجيد: (گلاس سڪينه ڏانهن وڌائيندي) هان وٺ، هڪڙو گلاس پيئندينءَ ته طبيعت ٺيڪ ٿي ويندءِ.
سڪينه: خالي رک پوءِ پيان ٿي.
مجيد: اونهون، دوا پيئڻ ۾ ڪڏهن به دير نه ڪجي. اهو ڊاڪٽريءَ جو اصول آهي ڏ
سڪينه: (بيزاريءَ مان) چيم نه ته خالي رک، پوءِ پيئان ٿي.
مجيد: جيڪا تنهنجي مرضي. (گلاس ميز تي رکي ٿو) هيل ڏاڍي سخت گرمي پئي آهي. هھڙيءَ گرميءَ ۾ احتياط نهايت ضروري آهي. ماڻهو ٿوري به بي پرواهي ڪندو ته جهٽ سن استروڪ ٿي پوندس. شهر ۾ روز ٽا سن استروڪ جا ڪيس ٿين. هيڏي ساري شهر ۾ مان ئي ته هڪڙو ڪئُاليفائيڊ ڊاڪٽر آهيان. مريضن سان ڪٿو نه ٿو پڄان. ڊاڪٽر جي به ڪهڙي زندگي آهي، نه راتين جو ننڊ، نه ڏينهن جو آرام.

[مجيد جي ڳالهين جي دوران سڪينه جي چهري تي بيزاريءَ جا تاثرات آيري اچن ٿا ۽ هوءَ ڪرسيءَ تان اٿندي چئي ٿي.]

سڪينه: مان ته هتي زندگيءَ کان ئي بيزار ٿي پيئي آهيان. ڇا هن ڌرتيءَ تي ڪا اهڙي جاءِ ڪانهي جتي گرمي گهُٽ ۽ ٻوسٽ نه هجي. جتي ماڻهو ماڻهوءَ کان بيزار نه هجي، ماڻهن جون ڳالهيون اهڙيون ته وڻندڙ هجن، جو هنن جون ڳالهيون ٻڌي زنده رهڻ جي خواهش وڌي وڃي.

مجيد: مونکي احساس آهي ته منهنجون ڳالهيون اڻ وڻندڙ ۽ بيزار ڪندڙ آهن. پر مان ڇا ڪريان؟ مون ڪڏهن به ڊاڪٽريءَ جي ڪتابن کان سواءِ اجايا سجايا ڪتاب نه پڙهيا آهن. ان ڪري مونکي ڳالهيون ناهڻ نه اينديون آهن.

سڪينه: تو پنهنجي ڊاڪٽريءَ جي ڪتابن ۾ بيزاريءَ لاءِ ڪو علاج پڙهيو آهي. بيزاري ـــ! هر شيءِ کان بيزاري. هن گهر، هن شهر کان بيزاري. ان احساس کان بيزاري ته مان زنده آهيان، اها بيزاري مونکي ماري ڇڏيندي.

[سڪينه پنهنجو پاڻکي آرام ڪرسيءَ تي اڇلائي ٿي ۽ مٿو ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي رکي ڇڏي ٿي.]

مجيد: بيزاري ڪا بيماري ڪانهي، پر گرميءَ جي ڪري ڊپريشن ٿئي ٿو. پگهر سان جسم مان سارو سوڊيئم ۽ پوٽيشيم خارج ٿي وڃي ٿو، ان ڪري طبيعت ۾ بيزاري پيدا ٿئي ٿي. ٻه ڏينهن لوڻ، پاڻي ۽ فروٽ جوس پيئندينءَ ته بيزاري پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندي.

[ايتري ۾ پاسي واري ڪمري مان ڪنگهه جو نبل ۽ ڪمزور آواز اچي ٿو. ڪنگهه جو آواز ٻڌي سڪينه جو منهن هارجي وڃي ٿو. هوءَ آهستي آهستي ڪرسيءَ تان مٿو ڪڍي ٿي ۽ ڪن لائي ڪنگهه جو آواز ٻڌي ٿي. آواز هلڪو ٿي ختم ٿي وڃي ٿو.]

سڪينه: ماسي هاڻي ڪيئن آهي؟

مجيد: موت ۽ زندگيءَ جي جنگ جاري آهي.

سڪينه: (ڪرسيءَ تان اٿندي) موت ۽ زندگي! ٻئي ڪيڏا نه خوفناڪ

۾ سيني گلن مان ستو گل گوبيءَ جو گل آهي، جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ پيٽ ته ڀري سگهجي ٿو.

[جمال کِلي ٿو. مجيد جي چهري مان رنج ظاهر ٿئي ٿو.]

جمال: ڏاڍي شرارتي آهين.

[ماسيءَ جي کنگهه جو آواز اچي ٿو. سڪينه جي چهري تان يڪدم خوشي غائب ٿي وڃي ٿي.]

جمال: چاچيءَ سان ته ملبو ئي نه آهيان. چاچي ڪٿي آهي؟

مجيد: امان جي طبيعت خراب آهي. پاسي واري ڪمري ۾ ستي پئي آهي.

جمال: مان چاچيءَ سان ملي اچان ٿو.

مجيد: امان کي هينئر آرام جي ضرورت آهي. اوهين سڀاڻي ملجوس.

[وري کنگهه جو آواز اچي ٿو.]

مجيد: مان امان کي ڏسي اچان ٿو.

[مجيد وڃي ٿو. جمال پائيپ دکائيندي چئي ٿو.]

جمال: مجيد ڪيترو نه بدلجي ويو آهي. ننڍو هوندو هو ته مان هنکي هڪڙو غيرجوابدار ۽ بيوقوف ڇوڪرو سمجهندو هوس، پر هينئر هو ڪيڏو نه جوابدار ۽ سمجهو ٿي پيو آهي.

سڪينه: مجيد اڄ به اهڙو ئي آهي، جهڙو اوهان هنکي ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو. هو ڊاڪٽر آهي. پر هن ۾ ڪامياب ڊاڪٽر ٿيڻ جي ڪا صلاحيت ڪانهي. ماسيءَ جي بيماريءَ جو وڏو سبب به مجيد ئي آهي.

جمال: (آٿندي) اسان ۾ ڇاجي صلاحيت آهي، ۽ ڇاجي ڪانهي. سو ته اسان مان ڪو به سمجهي نٿو سگهي. مون ساري زندگي ڪهاڻيون لکيون آهن، پر هينئر مونکي احساس ٿيو آهي ته مون ۾ ڪهاڻين لکڻ جي صلاحيت ڪانهي. مان پروفيسر آهيان، پر ڪڏهين ڪڏهين ڪلاس ۾

چوڪرن کي پڙهائيندي سوچيندو آهيان ته مون ۾ پروفيسر ٿيڻ جي به صلاحيت ڪانهي. مان پنهنجو پاڻکي ۽ هنن چوڪرن کي دوکو ڏيئي رهيو آهيان. اسين زندگيءَ ۾ جيڪو به پيشو اختيار ڪندا آهيون، تنهنجو دارومدار اسانجي صلاحيتن تي نه، پر حادثن تي هوندو آهي. اسين سڀيئي زندگيءَ جي ڊرامي ۾ غلط پارٽ ادا ڪري رهيا آهيون.

سڪينه: سچ ٿا چئو. اسين سڀئي زندگيءَ جي بي معنيٰ ڊرامي ۾ غلط پارٽ ادا ڪري رهيا آهيون. اسين پنهنجن صلاحيتن جا قبرستان آهيون.

جمال: تو ۾ ته وڏيون صلاحيتون آهن. تون تمام وڏي اديب آهين. ايڏي وڏي، جو ڪڏهين مونکي تو کان ڊپ ٿيندو آهي.

سڪينه: مونکان ڊپ ٿيندو اٿو؟

جمال: ها، تو کان ڊپ ٿيندو آهي. تنهنجي ذاتَ کان ڊپ ٿيندو آهي. هر پراڻو نسل، نئين نسل کان ڊڄندو آهي. تو اِبسن جو ڊرامو 'عظيم معمار' پڙهيو آهي. مان به اِبسن جي عظيم معمار وانگر محسوس ڪندو آهيان ته تون منهنجو در کڙڪائي رهي آهين ۽ مونکي چئي رهي آهين ته اها ڪرسي خالي ڪر، جو هاڻي مان ان ڪرسيءَ تي ويهنديس.

سڪينه: (لڪل خوشيءَ سان) اوهين هميشه منهنجي همت‌افزائي ڪندا آهيو. سچ پچ ته جي اوهين منهنجي همت‌افزائي نه ڪريو ها ته مان ڪڏهين به ڪهاڻيون لکي نه سگهان ها.

جمال: تنهنجي ذات سان پيار ڪري مون پنهنجو پاڻ سان پيار ڪيو آهي. انڪري جو مان تنهنجو پيشرو آهيان، ۽ تون منهنجي پيشنگوئي آهين. مون جڏهين هي گهر ڇڏيو هو، تڏهين تون ننڍڙي هئينءَ، تڏهين مان سوچي به نٿي سگهيس ته اها ننڍڙي ڇوڪري اڳتي هلي منهنجو آدرش ۽ منهنجو خواب ٿيندي.

اڄ تہ اڄ منهنجي اها تمنا پوري ٿي آهي. مون جڏهن هي گهر ڇڏيو هو تڏهن واعدو ڪيو هيم تہ وري هن گهر ۾ پير نہ پائيندس. اڄ پنجويهن سالن ڪانپوءِ هن گهر ۾ موٽي آيو آهيان. ۽ اڄ هن گهر جون بي زبان پٿيون مونکي منهنجي ننڍپڻ جو داستان ٻڌائي رهيون آهن. مان ننڍو ئي هوس جو منهنجا پيءُ - ماءُ مري ويا. مجيد جي پيءُ ۽ ماءُ مونکي پاليو. چاچي ۽ چاچيءَ کي مونکان نفرت هئي، مان هنن کي ڏٺي ڪين وڻندو هوس، هي بي زبان پٿيون شاهد آهن تہ منهنجو ننڍپڻ ڪيئن نہ نفرت جي جهنم ۾ جلندي گذريو.

سڪينہ: مان بہ يتيم هيس. مون بہ توهان وانگر ماسي ۽ ماسڙ جا عذاب سهي ننڍپڻ گذاريو. مونکي ياد آهي، جڏهين ماسي مجيد کي هنج ۾ ويهاري پيار ڪندي هئي. تڏهن منهنجي سيني مان سور جي سَٽَ نڪرندي هئي ۽ مان سوچيندي هيس: جيڪر منهنجي بہ ماءُ هجي ۽ مونکي هنج ۾ ويهاري پيار ڪري.

جمال: انسان ڪيترو نہ دکي آهي. گلڙن جهڙا ٻارڙا ڪيئن نہ نفرت جي تانڌن ۾ پچرندا، لڇندا، لوڇيندا وڏا ٿا ٿين ۽ پوءِ ڪيئن نہ نفرت جو سوسائٽيءَ کان انتقام ٿا وٺن.

[اوچتو پاسيءَ واري دروازي مان مجيد اندر اچي ٿو. هنجي چهري مان پريشاني بَکِي رهي آهي، هو بدحواسيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو.]

مجيد: منهنجو ٿيلهو ڪٿي آهي؟

[هنجي پريشاني ڏسي سڪينہ هراسجي وڃي ٿي، جمال بہ پريشان ٿئي ٿو. مجيد هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو ۽ پوءِ هنجي نظر ڪارنس تي رکيل ٿيلهي تي پوي ٿي، هو سَٽَ ڏيئي ٿيلهو کڻي وڃڻ لڳي ٿو.]

سڪينہ: (چاڻهن جو ڪوپ ميز تي رکندي پريشانيءَ وچان) مجيد

سئموئل بيڪٽ

# مضمون

ظفر حسن

سڏي تنهنجو سڏ
نئين زندگي
مجاهد
ڏوراپو

ڪتابن تي تبصرا

# پرک

ط-ا
ظ--ح

ظفر حسن

# سئموئل بيڪٽ

(١٩٦٩ جو ادبي نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ)

سنہ ١٩٦٩ع جو ادبي نوبل پرائيز شاعر، ناول نگار ۽ ڊراما نويس سئموئل بيڪٽ (Samuel Beckett) کي ڏنو ويو آهي. سئموئل بيڪٽ ڊراما نويس جي حيثيت سان جڳ مشهور آهي. سئموئل بيڪٽ جي عمر ٦٣ سال آهي. ڪمال جي ڳالهہ آهي تہ جنهن ملڪ جو رهاڪو آهي، نہ ان ۾ رهي ٿو ۽ نہ ئي پنهنجي ملڪ جي زبان ۾ لکي ٿو! هو 'آئرلينڊ' جو رهاڪو آهي ۽ پيرس (فرانس) ۾ رهي ٿو ۽ آئرش ٻوليءَ ۽ انگريزيءَ جي بدران فرينچ ٻوليءَ ۾ لکي ٿو. ڪن ٻين آئرلينڊ جي ليکڪن وانگر يا تہ هنکي پنهنجي پاڙيسري ملڪ انگلنڊ ۾ رهڻ کپي ها يا گهٽ ۾ گهٽ فرانس ۾ رهندي انگريزيءَ ۾ لکڻ گهرجي ها. پر نہ هو انگلنڊ ۾ رهيو ۽ نہ ئي هن انگريزيءَ ۾ لکيو. ان جا بہ ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا. هڪڙو تہ ١٩٢٠ع ڌاران ڊبلن (آئرلينڊ جي گادي) جي ٽرنٽي ڪاليج (Trinity College Dublin) ۾ هن فرينچ ٻوليءَ جو مضمون (Subject) کنيو ۽ امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ هنکي پئرس ۾ فرينچ ٻولي جي ليڪچرر جي حيثيت سان اڪول نارملي (Ecole Normale) نالي اداري ڏانهن موڪليو ويو ۽ پوءِ هن لاءِ فرينچ ٻولي بہ اهڙي ئي سولي ٿي پيئي، جهڙي انگريزي. پئرس مان موٽڻ بعد هن ڊبلن ۾ فرينچ ٻولي ۽ ادب پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ نوڪري ڇڏي، هو فرانس هليو ويو، جتي هو اڄڪلهہ پئرس ۾ رهي ٿو.

سئموئل بيڪٽ جي فن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ پهرين انهن تحريڪن جو مختصر جائزو ورتو وڃي، جن مغرب جي علم ۽ ادب ۾ انقلابي تبديليون آنديون آهن. ويهين صديءَ ۾ ٽيندڙ ٻن مهاڀاري جنگن انسان کي ٽين مهاڀاري جنگ جي چائنٽ تي اچي

بيهاريو آهي. شايد ٽين جنگ آخري جنگ به هجي، ڇو جو هن ڪائنات ۾ شايد دنيا به نه بچي سگهي! انهيءَ ٽين جنگ يا مڪمل تباهيءَ جي ڊپ هڪ نئي فلسفي کي جنم ڏنو آهي. اهو 'بي معنائي' يا بي مقصديت (Absurdity) جو فلسفو آهي. يان پال سارتر (Jean Paul Sartre) جي فلسفي وجوديت (*E*xistentialism) به هن فلسفي کي وڏي هٿي ڏني آهي. مغرب جا جديد فيلسوف، دانشور ۽ ليکڪ انسان جي زندگيءَ جي ڪنهن به ڪم نه اچڻ جي حيثيت يعني Nothingness کان ڏاڍا متاثر ٿيا آهن، ۽ نئين دور جو ادب 'بي معنائي' (Absurdity) جي پيداوار آهي. اها 'بي معنائي' زندگيءَ جو استعارو بڻجي ويئي آهي. سئموئل بيڪٽ به زندگي ۽ ان جي ڀين صورتن جي ڏکوئيل حالت، نااميدي ۽ مونجهه جو فنڪار آهي. جيڪڏهن هڪ لفظ ۾ زندگيءَ کي بيان ڪجي ته اهو لفظ Absurdity آهي.

سموئل بيڪٽ جي فن جو اثر دنيا جي جديد ادب تي آهي. نوبل پرائز ڏيندڙن هڪ طرح سان انهن تحريڪن کي نوازيو آهي، جيڪي هن دؤر جي روح سان هم-آهنگ آهن ۽ بڻڪيت هن دؤر جو، جو پنهنجي 'بي معنائي' جي ڪري مونجهه پيدا ڪري ٿو، ۽ ان جو اڳواڻ آهي.

جيمس جوائس (James Joyce) جيڪو ويهين صديءَ جي مشهور ترين ناول نگارن مان هڪ آهي، هي بيڪٽ جو دوست ۽ استاد به رهي چڪو آهي، تنهن هڪ هنڌ چيو آهي: 'هيءَ زندگي اسين خدا ڪانسواءِ گذاري رهيا آهيون. بس ويتا هن زندگيءَ کي ڏسو!' بيڪٽ جون تخليقون به هن الميہ (Tragedy) کي پيش ڪن ٿيون. بيڪٽ جي چوڻ مطابق انسان جو وجود يا تهذيب پيڙجي ختم ٿي ويندي. هنجي گهڻن ڊرامن جا عنوان به هن حالت جي غمازي ڪن ٿا جيئن ته Krapp's Last Tape، Endgame، Malone Dies. ائين ٿو معلوم ٿئي، ته هر شيءِ مري رهي آهي ۽ روح ختم ٿي رهيو آهي.

بيڪٽ جي فن جي ٻي خاص ڳالهه 'انتظار' آهي، بالڪل ائين، جيئن ڪجهه ٿيڻ وارو هجي ۽ سڄي دنيا ڪنهن

انسان جون مايوسين. ڏک ۽ زندگيءَ جي بي مقصدن کي چٽکي ظاهر ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪردارن جي وات مان زوردار ڊائلاگ ڏيئي ڊائلاگن جي ڊائلاگن سان چٽاپيٽي نٿو ڪرائي، پر هن جا ڪردار خودڪلامي ۽ مونولاگ جي ذريعي اپڙن ٿا ۽ اها داخلي خودڪلامي (Internal monologue) نئين انسان جي زبان آهي ۽ هن زبان سمجهڻ بنان انسان کي نٿو سمجهي سگهجي.

بيڪٽ هڪ سچو فنڪار آهي فن جي تخليق هن آڏو هڪ عبادت آهي ۽ جديد ادب ۾ اهڙا گهٽ ليکڪ آهن، جن فن کي عبادت جو درجو ڏنو هجي. بيڪٽ جو فن گهرو، علامتي ۽ اندر جي اسرار ۽ رموز سان پريل آهي. بيڪٽ ڪردار جي ذهن کي ائين ٿو کولي، جيئن ڪو ذهن هڪ کنڊ (Continent) هجي. بيڪٽ هر ان ماڻهو ۽ شيءِ لاءِ نفرت ٿو رکي، جيڪا پنهنجو پاڻکي تلاش ۽ سجاڳ (Self-awareness) ڪرڻ سان واسطو نٿو رکي. انهيءَ ڪري ئي بيڪٽ موجوده دؤر جي شخصيت سان هم آهنگ آهي، جيڪا ذري گهٽ چريائپ جي حد تائين پنهنجو پاڻ سان واسطو رکندڙ (Self Concerned) ۽ پنهنجو خود تجزيئي (Self-analysis) ۾ اعتقاد رکي ٿي ۽ بيڪٽ جو خود - تجزيو نه فقط ايماندارانه آهي، پر پنهنجو پاڻکي سزا ڏيندڙ به. بيڪٽ جي ڊرامي (Cannible) جي اختتام جا هي لفظ دراصل ليکڪ ۽ عام ماڻهو جو رشتو مضبوط ڪن ٿا:

'آءٌ ڪٿي آهيان، آءٌ نٿو ڄاڻان ۽ آءٌ ڪڏهين به ڄاڻي نه سگهندس ۽ هن گهري خاموشيءَ ۾تون به نه ڄاڻي سگهندين ته تون ڪٿي آهين، پر تون پنهنجي ڳالهه جاري رک. آءٌ پنهنجي ڳالهه جاري نٿو رکي سگهان ... آءٌ به پنهنجي ڳالهه جاري رکندس.'

بيڪٽ خاموش ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ آهي. جڏهين هنکي نوبل پرائيز جي خبر پڌائي ويئي، ته به هن ڪو تبصرو نه ڪيو. دراصل هن ڪڏهين به صحافين سان ڪجهه نه ڳالهايو آهي. پنهنجي باري ۾ يا پنهنجي ادب جي باري ۾ پاڻ ڳالهائڻ

کو فائڊو ڪونهي. سندس ڊرامي Waiting for Godot ۾ هڪ هنڌ، هڪ ڪردار چئي ٿو: ”هو پيدا ٿينديئي، هنجو هڪ پير قبر ۾ آهي. هڪڙي ڏک ۾ ڏينهن، ته هڪڙي ڏک ۾ رات آهي.“ (حقيقت ۾ بيڪٽ جو تخليقون به هڪ پير قبر ۾ هوندي لکيل آهن. (عمر جي لحاظ کان نه، علامتي طور) اهائي ڳالهه آهي جو نه هو چاهي ٿو ۽ نه ئي هن وٽ وقت آهي ته هو پاڻ ڳالهائي. سويڊن جي اڪيڊميءَ کي به اها خبر هئي ته دنيا جي مايوس ترين ليکڪ کي انعام سان نوازي رهيا آهن. سئموئل بيڪٽ اسٽاڪهوم (سويڊن جي گادي) انعام وٺڻ لاءِ نه ويو ۽ نه ئي هن ڄان پال سارتر وانگر انعام وٺڻ کان انڪار ڪيو، ڇو جو سندس خيال ۾ انڪار ڪرڻ سان گهڻو چوپول ٿئي ها، انڪري بهتر آهي ته ماٺ ڪري وهجي. سندس پبلشر جو خيال آهي ته شايد نوبل پرائيز آخري شيءِ آهي جنهنجي بيڪٽ کي طلب هئي (انعام جي رقم ۷۳۰۰۰ ڊالرن جي ڪري نه، پر انعام جي ادب ۾ اهميت جي لحاظ کان) انعام جي اعلان وقت بيڪٽ ٽيونس شهر جي هڪ هوٽل ۾ ۾ ترسيل هو، جتي هو آڏي جي واڌ جي بيماريءَ مان ڇاق ٿي رهيو هو ۽ جڏهن فوٽوگرافر سندس فوٽو وٺڻ لاءِ هوٽل پهتا، ته هو چپ چاپ هنن جي اڳيان اچي بيٺو ۽ گهري خاموشي ۾ فقط ڪئميرائن جي ٽڪ ٽڪ جو آواز هو. نيٺ فوٽوگرافر سڪوت کي ٽوڙيندي چيو، ”معاف ڪجو، اوهانکي تڪليف ڏنيسون.“ ۽ بيڪٽ جواب ۾ فقط ايترو چيو، ”مڙيئي خير آهي. آءٌ سمجهان ٿو.“ (يعني ته آءٌ فوٽو ڪڍڻ جي مجبوريءَ کي سمجهان ٿو) ۽ تنهن کانپوءِ هو خاموش ٿي ويو.

سئموئل بيڪٽ پنهنجي زال سان گڏ پئرس جي هڪ فليٽ ۾ رهي ٿو. جنهن جي گئلري مان پئرس جي جيل جو اهو حصو نظر اچي ٿو، جتي صبح جو قيدي ڪسرت ڪندا آهن. گذريل سال هو نيويارڪ به ويو هو، جتي هن هڪ پاويهن منٽن جي هڪ فلم، جنهنجو نالو به ’فلم‘ (Film) رکيو ويو آهي، تنهنجي شوٽنگ جي نظرداري ڪيائين. اها فلم سندس ئي تحرير ڪيل آهي.

سحر بلوچ جو تاثر 'سٽي تنهنجو سڏ، پڙهڻ ڪانپوءِ ڪو چڱو تاثر نٿو ڇڏي.

عبدالحليم بروهيءَ جو مزاحيه مضمون 'ڪوتا' تمام دلچسپ مضمون آهي، سنڌيءَ ۾ تمام ٿورا مزاح لکندڙ آهن، عبدالحليم بروهيءَ ۾ وڏيون اميدون آهن.

راز ناٿن شاهي جي ڪهاڻي 'اک ۾ ڳوڙها هٿ ۾ گجرا' هڪ فلمي ڪهاڻي آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ تي ڪئين فلمون ٺهي چڪيون آهن، يعني— هڪڙو شهري بابو ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي ٿو، اتي هڪ ڳوناڻي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪوڙي محبت جي فريب ۾ ڦاسائي، سندس عزت لٽيو وڃي، ۽ پوءِ انهيءَ کي ڇڏي هميشه لاءِ شهر هليو وڃي، ڇوڪري خودڪشي ڪيو وڃي.

راز هڪڙو چڱو شاعر آهي، هاڻ ڪهاڻين لکڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ نه ڄاڻ ڇو مبتلا ٿي پيو آهي!

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس— .... اديب جو اڻ-پورو افسانو. اديب ۾ ته مضمون نگار، تنقيد نگار وغيره سڀ اچيو وڃن، بهتر هو ته لکي ها، 'مان هڪ افسانا نگار جو اڻ-پورو افسانو آهيان.' ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي 'اک ۾ ڳوڙها هٿ ۾ گجرا'. گجرا سنڌ ۾ عورتون وارن ۾ نه پائيندیون آهن. خاص ڪري ڳوٺن ۾ ته انهن جو بنهه رواج ڪونهي.

مجموعي طرح سان هي ڪتاب ينپور ڪاچرل پبليڪيشن جي ٻين ڪتابن جي مواد ڪان بهتر آهي. فهرست ۾ هيڊنگ ڏنل آهي ڪهاڻيون، پر ٻن ڪهاڻين تي ڪهاڻي ۽ راز ناٿن شاهي جي ڪهاڻيءَ تي افسانو لکيل آهي. تنهنڪري ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڪهاڻي ۽ افسانو الڳ الڳ صنفون آهن. ڪتاب ۾ بيهڪ جي نشانين تي صفا ڌيان ڏنل ڪونهي. ڪنهن جملي ۾ شروع جون ڪاما (”) ته ڏنل آهن، پر پڇاڙي جون ڪاما (“) ڏنل ئي ڪونهن، ڪٿي وري پڇاڙيءَ ۾ آهن ته شروع ۾ ڪونهن. تعجب (!) ۽ سوال (؟) جي نشانين جو به خيال نه رکيو ويو آهي.

پروف ڏسڻ هڪ تمام ڏکيو ڪم آهي، اڪثر ڪري ڪتابن

**مجاهد،** (هفتيوار اخبار) ايڊيٽر: محمد اشرف دائود پوٽو، صفحا: ١٨؛ ڪاغذ: نيوز پيپر، قيمت: هڪ رپيو، تاريخ اشاعت: ١٠، فيبروري ١٩٧٠ع، ڇپيندڙ: مجاهد هفتيوار، شهدادپور، سنڌ.

سنڌ ۾ بيشمار هفتيوار سنڌي اخبارون نڪرن ٿيون، پر انهن ۾ هڪ ٻه ئي چڱيون اخبارون آهن، انهن مان هڪ 'مجاهد' آهي. مجاهد شهدادپور ۾ جيڪب آباد مان سا گهڻي وقت نڪري ٿي، ۽ شايد پاڪستان جي واحد هفتيوار اخبار آهي، جيڪا ننڍن شهرن مان نڪري ٿي. ٻين هفتيوار اخبارن ۾ مقامي خبرون، وڏيرن ۽ آفيسرن جي خلاف مراسلا ۽ خبرن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هوندو آهي، گهڻيون ته بليڪ ميلنگ تائين محدود آهن. پر مجاهد ۾ عام خبرن کان علاوه سٺو ادب به پيش ٿيندو آهي. سنڌيت جي جذبي کي اُڀارڻ ۾ 'مجاهد' به وڏو ڪم ڪيو آهي، ۽ جن شاعرن جا شعر يا اديبن جا سنڌ متعلق مضمون مختلف رسالن ۽ ڪتابن يا اخبارن ۾ ڇپيا آهن، مجاهد انهن کي ٻيهر ڇپي گهڻي ۾ گهڻن پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شاگردن جي هلچل، 'سنڌيءَ ۾ لسٽن جي ڇپائي'، واري تحريڪ توڙي 'هاري تحريڪ' ۾، مجاهد ڀرپور ۽ ڪارائتو پارٽ ادا ڪيو آهي.

جنهن پرچي تي تبصرو ڪجي پيو، اهو مجاهد جو 'سنڌ سڄا ڳ' نمبر آهي. هن نمبر جي تياري لاءِ اخبار جي ايڊيٽر سنڌ جي گهڻن اديبن کي لکڻ لاءِ چيو هو، پر گهٽ اديبن پنهنجيون تخليقون هنن کي موڪليون. تنهنڪري اڻ-ڇپيل سان گڏ ڇپيل تخليقون به آهن، پر چونڊ سٺي ۽ بامقصد آهي. درحقيقت سنڌيءَ ۾ هڪ اهڙي هفتيوار اخبار جي کوٽ عرصي کان محسوس ٿي رهي هئي، جيڪا سنڌ جا مسئلا پوري بيباڪيءَ سان شايع ڪري، مجاهد ڪنهن حد تائين اها کوٽ پوري ڪئي آهي، ٻين هفتيوار اخبارن کي به مجاهد جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي.




پاڪستان رائيٽرز گلڊ کان بهترين ڪتاب جو
انعام حاصل ڪيل

نجم عباسي جي ڪهاڻين جو مجموعو